
# راج گهاٽ تي چنڊ

شيخ اياز



هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

# راج گهاٽ تي چنڊ

شاعري

## شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1987ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **ذوانوي**

چڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن — آڪٽوبر 1987ع

ٽائيٽل، اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي — فتاح هاليپوٽو

قيمت — 40/- رپيا

آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان — 60/- رپيا



Gul Hayat Institute

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)


---


RAJ GHAT TE CHAND (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition October 1987. Price Per Copy Rs. 40/-

# فهرست


| عنوان | صفحا |
|---|---|
| مهاڳ | [10(x) - 1] |
| بيت | [17 - 13] |
| وايون | [110 - 31] |
| راڄ- گهاٽ تي چنڊ... | 31 |
| ڇا هيءَ ساڳي ناوَ .... | 32 |
| ”ناگپور تي ومانَ ۾ هڪ رات“ | 33 |
| ”گوداوريءَ تي باک“ | 34 |
| بيڪس، ڪنئيو- روهڙي .... | 35 |
| جهٽَ نہ جيئان تو بنان .... | 36 |
| رابيل- رُت، مايا نگر .... | 37 |
| اڃان بہ آڌا .... | 38 |
| ”١٩٨٧ع“ | 39 |
| ڪلڪتو، ڪانڊي .... | 40 |
| هي جي، آيا هيِر.... | 41 |
| پڙ ۾ آهہ پچار .... | 42 |
| هوءَ ڇا ڳجهي ڳال.... | 43 |
| ڏٺي منجهہ فرنگيءَ .... | 44 |
| ٿي پري ليننگراڊ .... | 45 |
| آيو سجّ مٿان .... | 46 |
| ڌرتي! بس تو سان .... | 47 |
| انت تہ اڇڻو آنهہ .... | 48 |
| ’تون‘ ٿي تون آهين.... | 49 |
| تون تيرهن سؤ سال .... | 50 |
| آهہ ساڳي پارڪر- .... | 51 |


Gul Hayat Institute

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| سڪر! ڪالهہ ڏنو هيو، تو جيڪو هيمون،.... | 52 |
| هيمون ڪلاڻي،.... | 53 |
| ٿي ويا ناهر ڏنار.... | 54 |
| هاڻي تہ پري ناهي.... | 55 |
| هاڻي لکجي ڏليون.... | 56 |
| هي جيءَ ڪيئي ڪن.... | 57 |
| هو مون کان چا لاءِ ڏکن ٿا.... | 58 |
| رات پر تنهنجي پڪار.... | 59 |
| ڏر تتي پيئي ڏڏي.... | 60 |
| رات، نڪارا گنگا.... | 61 |
| ماڳ ڏسي جي مرڪن ٿا.... | 62 |
| ”١٩٩٥ع“ | 63 |
| سوسيون سبايو.... | 64 |
| آهن بند ڪِواڙ.... | 65 |
| ترم چتڪي آهي.... | 66 |
| اوچتو ويندينءَ ملي.... | 67 |
| اج تہ اوچا آڪ.... | 68 |
| گنديون چپايو.... | 69 |
| هو آوچو آڪاش.... | 70 |
| جتن جتن گهٽي جاڙ.... | 71 |
| ڀڪي ٿي پڪرال.... | 72 |
| ڪالهہ هيا آڙنگ،.... | 73 |
| ڍو تيندا ڍاتيئڙا!.... | 74 |
| گجن ٿا گجگاٽ.... | 75 |
| ويل آن ساهي پٽن جي.... | 76 |
| متان وسي ماڪ.... | 77 |
| ڌاريون هوئن نہ ڌوڙ!.... | 78 |

Gul Hayat Institute

| عنوان | صفحا |
|---|---|


| | |
|---|---|
| اوڳي اوچي ڳاٽ.... | 79 |
| مَپ ۽ تو وٽ مَپ.... | 80 |
| ناهي ڪا نَنڍي.... | 81 |
| ڏيندي وڄُ وَڪڙ.... | 82 |
| نوڙي نوڙي پيهُ.... | 83 |
| هي جو گيت اڌورو آهي.... | 84 |
| ڌرتي، مون سان وَڙ.... | 85 |
| اَٺي آڌيءَ رات جو.... | 86 |
| ڪيسين لِڪ لِڪي.... | 87 |
| جي تنهن ڪائي وٽ.... | 88 |
| وڻن پيا واٽ تي سورج مکيءَ گيت.... | 89 |
| پيو مينهن وسي.... | 90 |
| برڪا رت، اڌ رات ڇڇهري.... | 91 |
| منهنجي سيني تي اچان.... | 92 |
| بادل تا پرين.... | 93 |
| توکي ڪئن ساريان.... | 94 |
| کهڙي ڪرڻڦل.... | 95 |
| اونهاري چون راتڙيون.... | 96 |
| اهڙي اکيءَ ڳڻي.... | 97 |
| آنيوءَ جو پن پن.... | 98 |
| سمنڊ جئن گرجا جا گهنڊ.... | 99 |
| ڪيترا ڏينها برن تا، رات آئي.... | 100 |
| نوري! مهاڻا.... | 101 |
| هي جو منهنجو ماسُ.... | 102 |
| پوئين وير اَچي وئي آهي.... | 103 |
| ويئي ڙي ويئي.... | 104 |
| ڪيترو تو ۾ آهه!.... | 105 |


Gul Hayat Institute

| عنوان | صفحا |
|---|---|
| مون کي ياد نہ آهي .... | 151 |
| هي ڪير آهي؟ .... | 152 |
| سبط حسن .... | 153 |
| چا تون ماضيءَ جا دروازا .... | 154 |
| ماڙيءَ پنيان/ اُٺويهہ سو ستيتاليهہ.... | 155 |
| منهنجا ڪلها گسي رهيا آهن .... | 156 |
| منهنجي ديس جا/چين نواز اشتراڪي .... | 157 |
| جيئن ڪجين جا/پرپور گوشا .... | 158 |
| اڪويهين صدي شروع ٿي چڪي آهي .... | 159 |
| ٻڌين ٿو؟/شيون ڳالهائن ٿيون؟ .... | 160 |
| سيڪريٽريٽ ۾/هو فائيل .... | 161 |
| منهنجون نظرون .... | 162 |
| هي ڪهڙو بسنت آهي؟ .... | 163 |
| چين سيلاني/شيو سانگ | 165 – 164 |
| هن ديس ۾ هڪڙو پن به .... | 166 |
| مون ليار جي وڻ کي چيو ... | 167 |
| نظمَ | [231 – 171] |
| ڪوڏ ڪئن ڪناري تي .... | 171 |
| باڪ ڦٽيءَ جو شعر لهن تا .... | 172 |
| اڄا اجهاٽل ڏيئو ناهيان .... | 173 |
| تون جو چڻ ڪنهن وقت ڏسين ٿي .... | 174 |
| پيار ته مون سؤ پيرا ڪيو آ .... | 175 |
| ”لاهور جي اِنٽرنيشنل هوٽل ٻاهران“ | 176 |
| شاعري طبيعت تي/ايترو ته ڇانئي آ .... | 177 |
| چنڊ رات اي ساٿي | 178 |
| آڌيءَ جي خاموش نگر ۾ .... | 179 |

| عنوان | صفحا |
|---|---|
| ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا .... | 209 |
| ڪالهه جڏهن مون واريا سي ۾ .... | 210 |
| ٻاڪ ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو .... | 211 |
| ”اورنگيءَ ۾ فساد“ | 212 |
| ”اپريل 1985ع“ | 213 |
| ٿرڊ ڪلاس جي گاڏي ۾ هوءَ .... | 214 |
| نظريا جن کي نظر ڪائي نٿي آهي.... | 215 |
| ڳيرو/ ڳاڙها/ ۽ ڳيروارا .... | 216 |
| هي ڏيکارا/ رنگارنگ گلن جا ٻارا .... | 217 |
| ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن.... | 218 |
| ”دهشت پسند جو موت“ | 219 |
| اڄ تن جي بندوقن مان .... | 220 |
| هي وڻ، جو ڪجهه نيوڙي پيو آ .... | 221 |
| ون به ساڳيو واس به ساڳيو .... | 222 |
| ”فاشي فوج جي شڪست“ | 223 |
| عمر گذري وئي/دک هن ديس جا .... | 224 |
| انقلابي اٿو ! .... | 225 |
| جيءَ جي جلاوطني .... | 226 |
| هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا .... | 227 |
| رات جي سياهيءَ ۾ .... | 228 ــ 229 |
| گيت به ڇڻ گوريلا آهن .... | 230 |
| ڇوت پرندي رهي .... | 231 |
| پلاهو | 232 |

Gul Hayat Institute

اهڙي اڳ ـ ڳِٽِتي
کهڙيءَ ڪِوِتا کي هِتي؟
ڪنهن هئن دانهن پڌي هئي
دکي ڌرتيءَ جي؟
چا اڳ ڏِيهه ڏٺا هيا
ڏاهپ هئن ڏمبري؟
مِن ـ پيڙا جي پولڙي
ڪنهن هئن ڪُرلائي؟ (وايون، ص ٩٧)

سهڙي جا سيڪاٽ تي، ڪنوڻ سا ڪاڙوٽ
متان ڪائو موٽ، ساري سنڌ ٻري پئي (بيت، ص. ١٦)

هي جو ريتُ رتو آ، ڪيسانو موريءَ،
آئي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اُلٽ ڪيتري! (بيت، ص. ١٧)

او ٻَلِ ٻهي ٻوهه، ڪائي آڳ ٻري پئي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو! (بيت، ص. ٢٠)

اچي ٿو هيڪارَ موت تہ سيني جي متان،
مٿي ناهه ميارَ، جي تون جيئين جسُ سان. (بيت، ص. ٢١)

هي سرءُ چاليهہ سال!
روز سا ڳيا ڏينهڙا!
سچ آيري ٿيو، آڻن ٿا ٻيوچ ۾ سا ڳيا سوال.
سچ اُلهي ٿيو، سنهن تي ٿا ملن سيا ڳيا ملال.
ها، فقط سرها لڳن ٿا، اڄ ٻہ ڌرتيءَ جا دلال.
هو وسنتي ويس پائي، ٿا هڻن ڪوڙا گلال.
ڪيترو تو لئہ تڪيان؟ هائي پلاڻي آءُ پال!
روز سا ڳيا ڏينهڙا!
روز سا ڳيا ڏينهڙا!
روز سا ڳيا ڏينهڙا! (وايون، ص ٣٩)

Gul Hayat Institute

ٿـي ٻري ليـنن-گراڊ ـــ
ٻہ ٻرسن تائين
'اولگا' جي شاعريءَ ۾
اڄ بـــہ نازي آهہ ياد ـــ ٻہ ٻرسن تائين
اڄ ٻہ منهنجا ديس تو ۾
ڇـڻ ٿہ نازي بدنهاد! ٻہ ٻرسن تائين
اي ڏکڻ! گھـٽـنـدين ڪڏهن تون
آهہ اي بـادِ مـــراد ـــ ٻہ ٻرسن تائين (وايون، ص. ۱۴۵)

ڏرتي! ٻس ٿو ساڻ
ماڻهوءَ ٻولَ تہ پاڙيا!
آڌيءَ مانجهيءَ گيت ٿو ڳايان آءٌ اڄاڻ،
سپني منجهہ رڇي وڇي ماڻهو نيٺ مٿان!
(ماڻهو سپنا ٿو اُٿي پنهنجي رتُ پَڻہ مان)
رانئي جـَرُ ٿَـرَ اُٿيو ڳـاڙهو سـڄ مٿان! (وايون، ص ۱۴۷)

'تون' تي تـــون آهين
منهنجـي پـــون آهين،
او آيل! او سنڌڙي!
منهنجي ساري ذات تون
منهنجي 'مون' آهين ـــ او آيل! او سنڌڙي!
تون ئي منهنجا بيت آن
تـون وايـون آهين ـــ او آيل! او سنڌڙي!
اڄان نڪتي ڇونہ تون
ڪاهيءَ ڪؤن آهين؟ ـــ او آيل! او سنڌڙي!
ويڙهيءَ جي والارَ ۾
ڏينهن تہ ڏون آهين! ـــ او آيل! او سنڌڙي! (وايون، ص ۱۴۹)

Gul Hayat Institute

بادل ٿا برسن
جيڏا، وري جهوڪ ۾ ٿي.
شاهه عنايت آپ مان، ۽ چمڪيو ٿو چنچن،
نه تو سونگي سنڌڙي، نه تو ڏاڍي ڏن!
مٿن مٿي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڄان، مري جي نه مرن! (وائون، ص ۹۳)

پيو ڪوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿرن حي ڪرڻ جيان نه پڇو!
رت روڪي وڙهو 'اياز' اڄان،
ڪانئرن جي پڇڻ جيان نه پڇو! (غزل، ص ۱۱۹)

سمجهو ٿا لوڪو!
راهه مرڻو ڪونهي آ،
مري ويو پيو ڪو! (ته سينتا، ص ۱۲۴)

اکيون پٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
آئي جهٽيو ڙي! (ته سنتا ص ۱۲۵)

موت نه ڪاڏي مات،
وري سج لُهولُهان
راهو ڪيءَ تي رات! (ته ستا، ص ۱۳۲)

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رت ڌوپي، ڇڪو آهي،
۽ آها رت ويجهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا آڇا پُشپ
من جي پوترتا وانگر ترڙي پوندا آهن.... (نثري نظم، ص ۱۵۴)

Gul Hayat Institute

ڏور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڌاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍو ڏور ڏياٽيون آهن
جي وسمه مان مٿنش ڏسن ٿا.

وشيؤ جيئن ڪو مندر آهي
ڇا اِن ۾ ڪوئي در آهي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
اِن کان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي! (نظم، ص- ١٨٠)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
ڇُه، تو کان ڪو مُلهه گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اهي اِئن لڳندا
اِندرمان جي چانڊوڪيءَ ۾
ڇڻ ڪي هڏڙا پڪڙيل آهن-

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهين
ڇا ڪوئي سوچي ٿيو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو! (نظم، ص- ١٨١)

Gul Hayat Institute

ڪنهن جو خون وهيو ٺوڙهيءَ ۾
او ڏاڍا؟
تو کي ڪيئي سال مٿي ٽيا
رُومَ رُومَ مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي به مٿيءَ سان مٽي ٿي ويا.
ڪالهه مگر تو ٺوڙهيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ وردي ۾
ساڳي هولي کيڏي!...

(نظم، ص ٢١٣)

وَنُ به ساڳو واسُ به ساڳو،
مَنُ به ساڳو ماس به ساڳو،
.............................
هڪڙي سان گڏ چونه جيون ٿا؟
هڪڙي کي سڌُ چونه ڏيون ٿا؟
هڪڙي جو منڌ چونه ٿيون ٿا؟

(نظم، ص ٢٢٢)

هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا،
مگرمانَ تي ناچ نچن ٿا.

مگرمان جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪڙي پويان ٻيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي ٽائين، ٻاگهيءَ ٽائين.
ڪنڌ ڪنڌ ۾ ديپ جلن ٿا،
مگرمان تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه اُنهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي به اٿن ٿا،

اياز جي هيءَ شاعري، اياز جي پنهنجي چوائيءَ، هن جي ”زندگيءَ جي پوڙهين پهر جي شاعري“ آهي. اِنهيءَ ڪري اُن ۾ لائق پڙهندڙن کي ڪٿي ڪٿي زندگيءَ جي اختصار ۽ اُن جي خاتمي کان پوءِ جي اوني جو اظهار به ملندو- جيئن مثلاً صفحي ٦٧ واريءَ وائي ۾:

ويل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.
مان آين ۾ ڪيئن رهندس
تون ڀلائي نانهه ڀون!

هو وسي ٿو وڏ- ڦڙو
سايون ٿين ٿر ۾ پٽون!

جي اچان موٽي ته مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.

يا، جيئن صفحي ١٧٣ واري نظم ۾:
اچان آچهاڻل ڏيئو ناهيان
تون جو اچڻو آهين، آءُ!

تنهنجي ڪارڻ ليئا پاتا
ساري رات جلي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنهنجي تائين سانپر تي!

چاڻ پرهه جا پنچي آڏريا!
تون پوڙهين آهي ويرا،

Gul Hayat Institute

منهنجي جوت اڄان به ٻري ٿي
اڃا ڏڪيان ٿو تنهنجا پيرا.

اڄان به ساڳيو ليڙو آهيان،
اڄ به آهين جهڙي، تون آءُ!

يا، "سارو عرش منوّر آهي" (ص ١٨٤) واري نظم ۾:

....ڇا، هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو:
ڇي، "هي شعر اڌورو آهي،
"ويٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو،
"جهونگاري سوچيائين ٿي جو،
"پانيان ٿو اڻپورو آهي!"....

يا، جيئن ص. ٢٢٤ تي آيل سندس نظم:

عمر گذري وئي
دک هن ديس جا
اڄ به ساڳيا هئا
جي هئا مون ڏٺا
سال چاليهه اڳ،
ڪو به ڦيرو نه آ
ديس جي ڏانهن ۾!....

١٩٧٦ع کان ١٩٧٩ع تائين، جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽، اُن دور کان فوراً پوءِ واري ڪجهه عرصي ۾ به، نه لڳڻ سبب، اياز جي شعري آمد ۾ آها رواني نه رهي هئي، تـه هن فقط نثري نظم "پٽ ٿو پورَ ڪري" (١٩٨٢ع) وارا لکيا هئا، جيئن گرودیو ٽئگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجهه ڪتاب نثري نظمن جا لکي، وري پنهنجيءَ منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو. ٽئگور وانگر اياز جي اُنهن نثري نظمن ۾ آها ڳالهه نه هئي جا شاعر مان متوقع

Gul Hayat Institute

جن تو لاءِ سڳنڌ جون
ڪيئي ڳليون ڳولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهہ جاءِ
پنهنجي ڪيچ جو پنڻءَ مٿان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهہ جاءِ (وايون، ص ٨٦)

ڀاڪر ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سج اُڀاءُ ڪري؛
رت آڀڙ ڪا ڪائي تنو اپڻي
ڏينهن ٿتو جمُن تاءُ ڪري!
سارو وقت تہ رهندو ناهين،
ويندو آنهہ سماءُ ڪري!
ڪيسين ڪوءَ ڪلالن جي ۾
منهنجي ذات هڳاءُ ڪري؟
آءُ تہ آدرڀاءُ ڪري ڪو
تنهنجو آدرڀاءُ ڪري! (نظم، ص ١٧٢)

ڀاڪر ڦٽيءَ جو روز پڌان تو
’وِڪٽر جارا‘ ڪي.
هي جو چِلٽيءَ جو راڳي آ
منهنجي ڀاءُ جيان آ،
آن جي دکياري ڌرتي چڙ
منهنجي ماءُ جيان آ.... (نظم، ص ٢١١)

اياز جي شعري فن تي لکندي، ”ڪي جو ڀيچل ٻوليو“ (١٩٧٠ع) جي مهاڳ ۾ مون چيو هو تہ ”اياز پنهنجي ادبي تخليق

Gul Hayat Institute

لاءِ مٿن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهه به ڪن ٿا؛ اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اهڙوئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا؛ ۽ اڄ اهوئي فرض ادا ڪرڻ ڪان انهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهه ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، هم تن ۽ ڪل جهت مصروف نظر اچن ٿا:—

(١)

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ۾
ڳاڳيون، ڳتم گنڊيرَ ڏسي،
سڄ جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سون ونني ساوڻ هئي
منهنجن ڦيرين جهڏانهن ڏٺو.

تيسين ٿي تهڏانهن ڏٺو
سارو سڄ پڌي ويو جيسين،
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جڏهن ياسر عرفات ڏسي،
چپَ ائين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتو رت لڳن!

(٢)

گيت به چڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جڏهن جڏهن جاڙ وڏي تي جڳ ۾
هو ٻوليءَ جي آڙ ڇڏين ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موتي منجهه پهاڙ ڇڪن ٿا؛

Gul Hayat Institute

ڪيڏي ٽِڙيل ٽاڙ رکن ٿا
اُتر اُڀري لاڙ ڇهن ٿا؛
سانوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل ٿي آڪاڙ ڇهن ٿا.

ڪالهه هيا جي سرخ گلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيت ٻسه جي گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا. —

— محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سنڌ
نومبر ۲۰، ۱۹۸۷ع

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

رڻ - ٻارڻ ٻاري ويا، آڏيءَ اٿيءَ جهي،
ساڙي ٿي تن کي، اپڙي ٻاڪ بسنت جي.

آڙيا ڪن آپاءَ، هيٺان هانءَ جهلي ڪري،
نيٺ ته ورندو واءُ، نيٺ ته ڦرندا ڏينهڙا.

رڻ ۾ ٿي ريڊار، مٿان تارن ٽمڪڙا،
ريڊون ڏارون ڏار، شبل ڪو اپڙي ڏينهڙو!

ڏکڻ کان آيا، اُتر تي اوتون ڪري،
پنهنجا پرايا، ويري منهنجا واهرو.

ڦرندا ڦرندا ڏينهڙا، سدا ڳيا نه رهندا،
اڃان ٿا ڪهندا، ڪارا ڪڪر ديس تي.

آيا ڪڻارُن پار، ڦري ويا ڏينهڙا،
ڪيڏا باغ بهار، ٿوتي ڌرتي ديس جي!

'اڄ هو منڊ ملير تي، آئي ڪي آئي'،
وائي سوائي، منهنجيءَ ڏکيءَ ذات جي.

توکان ملڪ کان سوا، مٿان آءُ مران!
ڏنو آنءَ دران، ڏاڍو ويجهو آنهن تون.

اڃين ٿو اوٺار، جهونڙا سٽ جهمڪن پيا،
ٽڪي تنهنجا پار، ڪاتيم ڪيڏيون راتڙيون!

ايندين، ايندين اوچتو، پيهي ايندين پاڻ،
ڏکيءَ ڏيندين ڏاڻ، پنهنجو پاند پناهه جو.

Gul Hayat Institute

ٿيو ڪو چپر - چٽ، پير پنا مون پنڌ ۾،
هي جو منهنجو گهٽ، اڄ تہ ڪجهہ اوري ٿئي.

اڇين پيو تون، پرين پنهنجي پار ڏي،
اڳ نہ ڏٺو مون، توکي ايڏو ويجهڙو!

اڇا نہ آيا، پنهنجا وچڙ ڏينهڙا،
لايا سڄايا، اڇا آهن ذات جا.

واريءَ سندو پنڌڙو، پورو نہ ٿيندو؟
ڇا هو نہ ايندو، جنهن آئي مون سڪ ٿئي؟

مٿان تو ميار، اڇا منهنجي آ ميان،
پهچين پهچڻهار، جڏهن مون ڪي پنڌ ۾!

اڇا ٿا چاهن، پڙڻي پهڙائيو ٿيون،
اڇا ڪجهہ آهن، ساڳيا منهنجا سانپرو.

گل ورنيون گجراتڻيون، ڪراچيءَ جي شام؛
هي بہ تہ منهنجا عام، توڙي سپ نہ سنڌ جا.

توڙي بوليون ٻيون اتن، پنهنجا ٿي آهن،
مون جئن ٿا چاهن، سپ ٿي ساڳي سڄ ڪي.

هيءَ ساڳي تاريخ آ، سپ جي شڪاري،
مان ۽ پهاري، سيني رولا رڃ جا.

ائين نہ اڇي اوڇتو، ٿڏي هير ٿرن!
اڇا مونجهہ مرن، ڀارو پل تہ ملير ۾؟

Gul Hayat Institute

ڇا ڇا منهنجي مَن ۾ آهي اڄ اڌرات جو،
ڇيون چنڊُ چمن ۾ چوڏس چڙهيو لهريون.

ٻاپيها پيهار، ڪڏهن وينديون ڪيچ ڏي؟
ڇا هتو منهنجا يار، اچنا آهن جيئرا؟

ٻاپيها پيهار، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ٿر تي لال ليار، ٽيڙي پوندا اوچتو.

وري وڳهه ڪوٽ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ايندا ڳاڙها گهوٽ، دودا منهنجي ديس جا.

اِئين اچو آڳمتو، گوڙ ڪري گهمسان،
ڪلهه جنن پيا ڳُو پسان، ڳاتا هيا دوهڙا!

ڇتيل ڇنيءَ جيئن ڪا، روپا ماڙيءَ تي،
ٻيهر شال اچي، آزادي هِن ديس ۾!

ڪٽي ڪتان ڪيترو، پريَن پيرائيون،
وَستيون اجاڙيون، جن ويندي هِن جُوءِ جون!

او شل لهن اوچتو، ڏولاوا ڏيهن،
پرين شل پيهن، ساهه ڪٺون ڪو سُک جو.

آئن جهاپا جهالِوان، او شل ڏسان آنءَ،
وڻان تنهنجو نانءُ، گوتجن ڀهڻ ڀنڀ جا.

آمڙ ڏاج رڱائيا، تنهنجي لاءِ ڪنوار،
پوري هانءُ نه هار، ويڄها ڏوليءَ ڏينهڙا!

Gul Hayat Institute

اهڙي ڪنا ڳجگوڙ اڄ، ٻاچا ڪڪر ڪري،
جيئن ڏٻي ڏر، ڪرن ڪوٽ ڪلور جا.

چڙي چڙري چيٽ ۾، متان ڪيو مان،
توڙي ڪائين ڪاٺ، سار اوهان جي ساهه ۾.

آهو ٿي آهيان، متان پانيو ڪو ٻيو،
اڄا ٿئو ناهيان، ڳاهون ڳاڙهي سنج جون.

ڳسن، ڳن ڦل مورجن، جيئن وسن مينهن،
تيئن ڏکيا ڏينهن، ڪيئن ٻه آهن ڪاٽيا.

چئجي ڪيئن آلا، ڪڍهن ايندا پيار ڪيو!
سيئن ننڊ نه آ، ساري رات سمونڊ ۾.

مون هونڌي مون ڏيتي، او شل اگهائين،
او شل مونتيائين، ميٺا ماڙهو ڏيهه جا!

ميٺا مرڪن تا ٻيا، آئيندي جي اوٽ،
هو جي گهڙيءَ گهوٽ، صديون ساريندين گهٽو.

سورج پرج ساڪ، آءُ نه اڇاٽو ڪڍهن،
منهنجيءَ لوئيءَ لاڪ، سدا ڳاڙهيءَ باک جئين.

سهڙي جا سيڪات تي، ڪنون سا ڪاٺوت،
متان ڪائو موت، ساري سنڌ پتڙي پئي.

آيا اوهيڙا ڪري، ميٺان مون مانڊاڻ،
ٻيهر پيليءَ پاڻ، برکا رت جا ڏينهڙا.

متان چئو ناهه ڪا، گاج متان گرنار،
سانوڻ اڄ سنگت ڪئي، پيچل سان پهار،
چوڌاري چمڪار، آيا ڪينوڻ ڏينهڙا.

وس اڃا ڪجهه وس، موتي وڃ نه مينهڙا!
آتي گاهه ڦٽي پوي، جتي گوندر گس،
وري ڏاهن ڏس، وسي ڪنهن وڪار سان.

هي جي شير شهيد ٿيا مري نه جيڪي مات،
تارن تن جي تات، ساري رات سڄاو ۾.

هي جي شير شهيد ٿيا، ڪيسانو موريءَ،
ٻڌا ريتي رت جي، ڏورانهين ڏوريءَ،
ڏرتيءَ ڪڪوريءَ، سانڍيا پنهنجي سينا ۾.

هي جو ريتو رت آ، ڪيسانو موريءَ،
اٿي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اٽيت ڪيتري!

هي جو رت ابوجهه آ، انهيءَ جا امڪان،
نه ڄاڻا نادان، اڄا پنهنجي ڪيپ ۾.

سوپ ڪيتي سرها ٿيا وارو وڃائي،
ليٽڙيون پائي، راڻول پنهنجي رت ۾.

سر سرچو سائيهه سان، مٽيءَ سان ماٺو،
ڪونهي تنهن ڪاٺو، اوچو آهي آپ ڪان.

Gul Hayat Institute

ترقي ٿو تاريخ ۾، اڄا ٿيو ڪنڊ،
آزاديءَ جو آ اڄا، پري ڪيڏو پنڌ!
هيءُ انهن جو هنڌ، مري جهي ماهو ٿيا.

جيسين انهن اوچتو، سوبي ڏٺي سائين،
تان اٿن پائين، ماريءَ موت ڦهي ويا!

تڪ اندر تاريخ جهي، جي تون سمائين،
تان اٿن پائين، سارا لاش لڙهي ويا!

هي جو ڦڙو رت جو، وڏي تنهن جي وٿ،
تان ڪرين ڪٿ، سوب نه آهي سٿري!

سوب نه آهي سٿري، مڱهي سگهر ٿوڪ،
لٽونءَ لٽونءَ واري لوڪ، مرن ٿا ان ماڳ ۾.

هي جي جهجها جهڙ ٿيا، مٽيءَ مهڪ آئي،
ڌرتي رت رتي، ڦولي لال ليار جمن.

ڪنها ڪاله ڪڪوريا، جيئين ڏاڙهن ڏار،
مري مٿهيا يار، ويڙها سپ واسي ويا.

آهن آتيءَ رات جو، واڪاٺيون وڙن،
نيڻن مان نيرن، ڳاتيون تن جون ڳالهڙيون.

ڌڙيو ڪٽن تار، سر آنهن جا سوب ۾،
مري مٿهيا يار، ويڙها سپ واسي ويا.

سيڪو سوچي سوپ جو، سوپون هٿ نه سوجهي،
وڙ هيءَ تن جي لوچ، پلئه پل جيڪي پوي.

آڌر آڌر ڪونجڙي ڪرڪي مٿان ڪڇ!
اڄهو آرڏي آڇ، لٽي ڪاري ٿر تي.

اوشل ڪرين اوچتو، اکين سان اپڪار،
اڄ تون اڇڙهار، تو لئه تڪيان ڪيترو!

چنڊ ٻري ٿو چيٽ جو، سون ڪٽوريءَ جيئن،
اڳ نه ڏٺو ايئن، مون پنهنجي آدرش ڪي.

آتر ڪونج نه ڪڙڪندي، پيهر مون ڪان پوءِ،
مون سان ساري لوءِ، وڪر لئه وايون ڪري.

پکين منجهه پچار، ڪٿ ڪالهوڪيون ڪونجڙيون،
الا ڪنهن ڪي سار، ڪڏهن آتر ڪڙڪندو!

چڱي موتين هار جئن، چار ڏسين چوڌار،
سنڌڙيءَ ناهي سار، ڪٿي اُن جون ڪونجڙيون.

لڙيءَ ۾ ماڻهو لڳا، گهگهاٽيل گهيرا،
اڳيان آکيرا، مُنهنجو من مهٽڻ لڳا.

ڪٿ ٿوپائي ڪوڏ مان، ٻانها اڳ پيا،
سورهيه سپ ويا، اڄڪلهه لڪي لوڪ ۾.

اڄ ڪو اپري اوچتو ڪارا ڪارونڀار!
رڻ ڏٺا ريدار، سائي پن لئه سڪندا.

او ڏنل ٻڌي ٻوهڻ، ڪاٿي آڳ پڙي پٽي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو.

ماڳ ڪيپيندو منزلون، ڪاهيون پيو ڪاهه،
آئي، هڏ نه ساهه، متان رات مٿان پوي!

تون جو سڏ پائين، تون ڪنهن مات ڪري وئين!
تو ڪنهن لنوائين، ٻڌي ڪوڪ ٻنهي ڪنن!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي قطارون ڪونجن،
ڇا ڇا منهنجي من، ساروُن رات ڪريڙيون!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي واريءَ وڇاڻا،
مون ۾ سماڻا، سڏڪا ڪيئي سانت ۾.

ڪوپا ڪوهستان جا، ڏسان پيو آنءُ،
اڇا تن جو ناءُ، پهڻ منجهه پلي پيو.

اينداُ اينداُ اوچتو، ٿو لئه مڙس مٺيار!
سنڌڙي تنهنجي سار، هري پئي هانو ۾.

ڪڙي نه ڪڙڪي، واهر ويهر اچي وئي،
ويريءَ تي ڪڙڪي، آفت ڪاٿي اوچتو.

ڏينگر ڏاتائون، ٻوڙيا پٽيان مارئيءَ،
جيسين آندائون، پيهر منڌ ملير ۾.

ايندو اوهيڙا ڪري، ترسو ڪجهه اڃان،
لاهيو ميٽ متان، آگم منجهان آسرو!

Gul Hayat Institute

جيسين آيري آپ ۾، مينهن پئي ڇانڊاڻ،
تيسين پنهنجو پاڻ، ڏار نه ڪجو ڏڻ ڪاڻ!

ڪڏهن ڪيا ڪجهه ته ڪنوات، توڙي ما ڳڻ نه ويڄهڙو!
اُهين وينڌري واٽ، پياري هئي پيونءُ تي.

ڦيٿيڙ ڪن ڦرڙاٽ، ڏوڙي آئي واءُ ۾،
پوءِ به ساڳي واٽ، پنوءِ ٻنه سا ڳيا پنڌڙا!

مارو ڏارون ڏاڻ، ڪتي ڪيڪر آپ ۾،
اچن شل پيهارءُ، ماڪڙ وانگر ميڙهڙا!

اوڏا اڏي تر جهڙا، هي جي ويندا ڙئي،
متان ڪو تن ڪئي، ڏي ڪي پنهنجي ديس مان!

اڄهو ڏيئي دڏ ڙ ڪريا ڪوٽ ڪٽوڙ جا،
هيڏيون هاڻ نه ڪن باقي ڏورا ڏينهڙا.

وري رات پرينءَ، وري تارن ٽڪيو،
ڪاڏي گهنڊ چڙهي، ڪئي گيت تڙي پيا.

وري ٿي ورائي، گهٽن گل ڦل سوريا،
وري واسيا سياڻ، واڻيون مهڪيون واٽ تي.

چنن ٿي چمڪار، وڄون ورڻون آپ ۾،
اڄ جيڪا وسڪار، متان نه آن جي مينهڙا.

اچي ٿو هيڪار، موت ته سيني جي ٻتان،
مُئي ناهه ميار، جي تون جيئين جس سان.

Gul Hayat Institute

ڪنهن ھيءَ جوڙي جوڙ، ڪنهن ھي ڀاڳ ورائيو؟
سڀيئي سنگر توڙ، آئون ڪينجھر ڪنڌئين.

پاڻ وٺنديون ٿو ڪرين، سوچين نہ ٿو تون،
پيرن ھيٺان پوڻ، چار ڏھاڙا ڏاڍ ڪي.

مٿان تارو آيو مان، تيڙڪي ڇڏي ٿيان،
مٿان تون سايمان، لاھين پنھنجي لوھ مان!

ھو جي پيالا پر ڪري، پيئن منھن لايو،
سچ! ڪري سعيو، تن تي لتين ڪيئن تون؟

مٿان اچين اوچتو، رسي راتو واھ،
اڃان تن جي چاھ، لاھ نہ پنھنجي چت مان،

باقي ڪو دم ڏير، ويندا لڙ لھي ميان،
اڃان ناھ آوير، اڃھو آيا واھرو.

اکين ڪيان اوچھل نہ آ، اچا پنھنجي وات،
لٿيو آھ لڙاٽ، توڙي سج نھار ڪيان.

ايندا ايندا مون پرين، گھري گھر ايندا،
نھوڙي نيندا، ڏمر سارا ڏيھ جا.

اڃان ترسين جندڙي، جي ڪائي ويران،
پوچا ھي پيرا، ڏوئان پنھنجي ديس تيان.

الا ائين اوچتو سانجھي تي ويئي،
مٿان مون پيئي، رڻ ۾ ڪاري راتڙي.

Gul Hayat Institute

وَڻن ۾ سُتا مورَ تا ڪٿي ننڊون ڪن!
ساري رات ڏِسَن، سپنا ساوڻ مينهن جا.

اڃان آهين ڏور، توکي ڏُور ٻه ويجهڙو،
مَنان ويٺي مُور، پيار نه تنهنجي سُپرين.

اڃان آهيا سَتَڻَ، اوڏا آڏيون پيڪڙا،
آلا اڃان آڏَ، ڏيهي منهنجي ڏيهه جا.

اڃا ساگيا راتڙيءَ، ڪارا ڪوجها پَڙَ،
اسان تو آڏڻ سَنڌُ تي پورب سوجهرا.

ڇا اِئن مداسيءَ اڇو پاڻي لڙ تيو؟
ويندا اُڏامي، ڪڏهن ڪارا ڪانئرا.

* 'مِٺو لڳي آجميرُ، سارو جڳ ڪَڙو لڳي'،
رتن ٻائي! ڪير؟ ٻولي تو جئن ٻولڙا.

وِسري ويندين ڪونه، توُن، مٿان اِئن پانئين!
اڃان نه آئين، تو لئه تڪيان ڪيترو؟

ويهو آڏيءَ رات ڪو، ڪو ٻارڻ ٻاري،
مٿان آنڌاري، ٻڌي وڃن گوڙا!

---

* پُورب ڪَڙوا، پڇم ڪَڙوا، ڪَڙوا هندستان،
سب جگ مون ني ڪَڙوا لاگي، مِٺي لڳي اجمير.
(ڪڇي شاعره رتن ٻائي)

Gul Hayat Institute

ڪنيو ٿني جو ڪوڪ، چيائن ان لئه انڪار جو؟
اڇا ٿيئي اوڪيو، تيو ليئه جيئڻ پنڌڙو!

دور ڪناري تي، پڇون ونجهه هٿي اٿرائيتا،
مون کي او پيڙائيتا، پيار ڪٿي هل پاڻ سان.

سڀ تي ڪيڏو ديهه سان، تون آڏي آهين!
ڏسڻ ٿي چاهين، پاڇا پوئين سنجهه جا؟

آڏيءَ جو آڪاس ۾، جهومڪ جهڳيا مڱ ڪن،
ڪير اچي ڏي چڻن، جهاڳي ديس وديس کي!

وري شال اُٿن، دودا منهنجي ديس جا،
جهيڙيندا شال جهلن، وري وڳهه ڪوٽ تي!

هي جني منهنجن گهنڊيون، هي جي ڪرتيل ڏنڊ؛
نيٺ ته پچيندا پنڌ، ٻوڙيندا ڪنهن ٻوڏ جڻين.

ٻاٽيارين پچار، اڃ نه آهي واءَ ۾،
ڳالهيون ڪين ٿا ڳجهه جون، سڀ ٻس ۾ ساٽيار،
رچي ريٽا يار، پڃه پڇائين ماڳ جا.

زڻ ٻارڻ ٻاري، ونڊيا رهيا ڪاڙي،
هاڻي اُن چاري، آلا ڪونه اُجهامندا.

هي جي نيڙورا، ڏولائي جا ڏينهڙا،
ٻاقي ڪي ٿورا، متان هيئون هارئين!

Gul Hayat Institute

ڏينگر ڍاڻائون، پڙيا اڇي پٽ تي،
اونو گھر تتڙ جو اٿين، پنهنجو لاٽائون،
اڳ نه ڏٺا آئون، ويڙهيچا اِئن واٽ تي!

هِن پُڙ سازا سُکن ها، هُن پُڙ آزادي،
ڇا تو بربادي، چونڊي وٺي چاهه مان؟

سينو ساهيو ساڪري، ڪارونجهر تي ڪڙ،
وچولي جي واٽ تي، ڪارونپار ڪڪر،
آيري آءُ اُتر، مٿان مانڻ ڪري وهين!

سر ڪي پيو ڪئن هنج جئن، اهڙو ساچاهي؟
واءُ لڳو ناهي، اڳ به ڏسي ڇوليون.

ڪِئن چئجي پهار، ڦُليليءَ جي ڪپ تي،
هُو جي منهنجا يار، وري ايندا ويجهڙا!

پٽ تي ڪنڊ نه لاڙ، ڇا نه رتو رت پيچرا!
پيهر ڪنڊن واڙ، پوکين پيئو ويسرا!

سورهيه ٿيءُ سڄاڻ، مرڻ نه آهي مامرو،
جيئڻ جو آهڃاڻ، ويڙهو گهرجي ويڙهه ۾.

تنهنجي تريچن پٿوٺان، نچڻ سهارل ويس ا
ٻوٽي ڇڏ مون نيڻ، رکُ تون پنهنجا هيڙا!

ڇا ٿي سوچين ساڻواري، شاريندين سنگُ ڏهي؟
اڪين منجهه ڦسيءَ پيءُ ڪنهن جو نينهڙو؟

وري تن جا لوڪ تي، پرن تا پيرا،
وري وڏيرا، ڏاهپا تيا ڏيهه جا.

اڄان پنڌ پهاڙ جا، اڄا آيرو واٽ،
ڪونجن جو ڪرلاٽ، توڙي ساڳيو ڏيهه ۾.

* دِلا لاهي دادلئيون، پٽيو نه ساهي!
اِڄان اونداهي، اڄان باڪ ڦٽي نه آ.

ڦِڪي ڦِڪن موتيا، سج لٿو سر تي،
اڄان تون ڏر تي، ڏيئي واٽ نهارئين!

مور نه ماپيان ڇولڙيءَ، توکي ڏسي آنءَ،
پِڏي تنهنجو نانءُ، ڳُل وري ڳاڙها ٿيا.

وري جهڙ گهاٽا ٿيا، وڏي ٿي وسڪار،
پرن تا پوتار، پُٺيُن پيهن وانگيان.

باقي ٿوري راتڙي، اي دل ڏک ڪر!
تيسين تڪ تڪ ڪر، جيسين سهڙي، سوجهرو!

اي دل اڄان ٿورڙو، اڳتي آهي پنڌ،
اڄان جهپ نه لائجانءِ، توکي مون سوڳند!
اڳ ڪان اوچو ڪنڌ، آزاديءَ جي راهه ۾.

اي دل سون سان ساٿ تون، ڇو ڏينديءَ تيسين،
پورو ٿي جيسين، آزاديءَ جو پيچرو؟

* ٿر ۾ زالون دڪڻ تي 'دِلا لاهي، ساهي پٽينديون آهن.

واهوندا، وَڻَ ڦوٽَ، اِجهو ڦِريا ڏينهڙا!
ڪڏهن ڪنديون سانوري، ٿَهراڻي ۾ موٽ؟ *
ڪٿي ڪونهيٽ اوٺ، پَري پونديون پاڪرين!

وري ڦوڳ ڦلارَ، ڪانڌُڙَ ٿيندِي ڪانڌڙيا، *
وري لَهندا سينهڙا، وارياسي جي سارَ،
اِجهو منهنجا يارَ، پنهورکي پيڙا ڪيا.

* ٿَهراڻو = ٻاچڙي ۽ سنيءَ جي اولهه ۽ عمرڪوٽ جي ڏکڻ- اولهه وارو ڀاڱو.


* ڪانڌڙيو = ڪانڌُڙ جو رهاڪو.

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .


Gul Hayat Institute

# والھون



Gul Hayat Institute

# وایون



Gul Hayat Institute

راڄَ ـ گهاٽَ تي چَنڊُ
بيٺو سوچي ٿو.

هي نيرو آڪاسُ مِٿان آ.
آڌيءَ راتِ آڪَنڊُ!
راڄ ـ گهاٽ تي چنڊُ
بيٺو سوچي ٿو.

پِرَڪِرتيءَ جي ايڪائيءَ ۾
هي ماڻهوءَ جو مَنڊُ!
راڄ ـ گهاٽ تي چنڊُ
بيٺو سوچي ٿو.

ڌرتيءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آ؟
ڏنڊُ به ايڏو ڏنڊُ!
راڄ ـ گهاٽ تي چنڊُ
بيٺو سوچي ٿو.

Gul Hayat Institute

چا هيءَ ساڳي ناوَ
چا هيءَ ساڳي نربدا؟

نيري نڀَ ۾ چنڊ يا
روپ - متيءَ جا گهاوَ؟
چا هيءَ ساڳي نربدا؟

چا هيءَ ساڳو پريتمُو
جنهن کي نہ پڇتاوَ؟
چا هيءَ ساڳي نربدا؟

جڳُن جڳانتر ڪٿان اهي
اندر منجهہ آلاوَ!
چا هيءَ ساڳي نربدا؟

من ۾ منهنجي مالوا *
ڪيڏا لڳن لڳاوَ!
چا هيءَ ساڳي نربدا؟

Gul Hayat Institute

* مالوا = جنهن سان روپ متيءَ ۽ باز بهادر جي عشق جو داستان وابستہ آهي.

## (ناگپور تي وِمان ۾ هڪڙي رات)

اڄ ۾ سارو آسمان، واءُ ۾ آهي وِمان۔ *
* ناگپور تي راتڙي

اڄ ۾ تنهنجي سار سان چڙهي، آهر جهرمر هي جهان۔
ناگپور تي راتڙي.

آشنائي اوچيتي، آواگون جو آستان۔ *
ناگپور تي راتڙي.

شال پورو ٿئي اسان جو، هي اڌورو داستان!
ناگپور تي راتڙي.

Gul Hayat Institute

---

* وِمان = يارت ۾ هوائي جهاز کي چوندا آهن.
* ناگپور = بمبئيءَ کان دهليءَ ڏانهن ويندي هوائي جهاز کي ناگپور ۾ ترسڻو پوندو آهي.
* آواگون = نئين جنم.

## (گوداوريءَ ڏي ٻاڪ)

جر تي ٻپر جي ڇانوَ ۾،
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

مون سان هئينءَ جڏهن تون پريءَ، اڳلي جنم جي لانوَ ۾ —
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

پيهر ڏٺيون مون ڇلڪنديون، تنهنجي سريلي تانوَ ۾ —
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

هي ورش سارو آئيءَ هان، هر هر هڙن ٿيون هانوَ ۾ —
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

---

ورش = ڌرتيءَ جو ٽڪرو.
گوداوري = ندي، جا ناسڪ جي پرسان وهي ٿي. *

Gul Hayat Institute

ٻيڪس، ڪٿي نئيو     روڙهي.

چڙهي ته اونده ۾ ٻري ٿو
ڪوئي ته ڏيئو،     روڙهي.

ٿي وڃي تاريخ ۾
ڪنهن وقت ليئو،     روڙهي.

”پاڻ جنهن جاءِ آهيو
شال ”جيئو“     روڙهي.

جهَٽ نہ جيئان تو ٻنانءِ، عمر گذاريم ڪيئن!
پانڌيئڙا پرڏيهہ جا!

نہ ڪو چڻنءِ نہ چانورو، لڪون اڳئي جيئن،
پانڌيئڙا پرڏيهہ جا!

تون جي ڄڃين ويجهڙو، هوند نہ هُڃان هيئن،
پانڌيئڙا پرڏيهہ جا!

ڪڏهن ايندين سانورا؟ ڪڏهن ايندين؟ ڪيئن؟
پانڌيئڙا پرڏيهہ جا!

Gul Hayat Institute

رابيل - رُت، مايا نگرُ،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

ساڳي هوا، ساڳو پنڌرُ؛
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تو ريءَ سڱنڌن جو سفر،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تون مان نہ، پر آهن اَمرُ
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهيون.

Gul Hayat Institute

اڃان به آڌا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

پيرن آهن پنڌ ۾
لڪن پڙاڏا
اڃان به آڌا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

مون سان منهنجي ماڪ ۾
ڏاڏا پڙڏاڏا ـــ
اڃان به آڌا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

ڪنهن جي ڏولي تي اچي؟
لوهه سچي لاڏا!
اڃان به آڌا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

Gul Hayat Institute

## 1987

هي سڄو چاليهه سال!
روز پيا ڪيا ڏينهڙا!!

سڄ آيڙي تي، آئن تا سوچ ۾ سا ڪيا سوال-
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!

سڄ آلهي تي، منهن تي تا ملون سا ڪيا ملال-
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!

ها فقط سڙها لڳن تا، اڄ به ڏرتي جا دلال-
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!

هو وسنتيي ويس پائي تا هٽن ڪوڙا ڪلال-
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!

ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هاڻي پلائي آءُ يـال!
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!
روز سا ڪيا ڏينهڙا!!

Gul Hayat Institute

ڪلڪتو، ڳائيندي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪهڙي هيءَ تاريخ ڄڃي
اونداهي آندي؟
ڪوئي سوچي ٿو.

لاش لڙهن ٿا رت ۾
ڪو ناهي ڪانڌي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪاش ڪراچيءَ ۾ هڄي *
اڄ اهڙو پانڌي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

Gul Hayat Institute

---

* اپريل 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن کان
متاثر ٿي لکي ويئي.

هي جي آيا هيرَ
اهڙا مڙس مٿئين
ڏاڍَ نه ڏٺا ڏيهه ۾.

سيڏي آ جين سڄ ڏي
اوڏر ڏانهن آلهير ــ
هي جي آيا هير ..................

توڙي پند اڇا پيري
توڙي واريءَ ڏيهر ــ
هي جي آيا هير ..................

جين جا پرينءَ پار ڏي
گهٽ نوان کي گهيرَ ــ
هي جا آيا هير ..................

Gul Hayat Institute

پڙ ۾ آهه پچار، *
ڳهر - ڳهڳهيڙيون آئيون.

وڃن پيون واٽ تي، ٻانهن جهلي ٻار -
ڳهر - ڳهڳهيڙيون آئيون.

ڏئي ڏندڙين آڱريون، ڏنو تن ڏهڪار -
ڳهر - ڳهڳهيڙيون آئيون.

سهسين سيڄن وانگيان، ويڙهيچن ويچار -
ڳهر - ڳهڳهيڙيون آئيون.

نه سهي پيرين پيڪڙا، نه سي ڪوٽ ڪپار -
ڳهر - ڳهڳهيڙيون آئيون.

Gul Hayat Institute

---

* هيءَ وائي "سنڌياڻي تحريڪ" کان متاثر ٿي لکي وئي آهي.

هوءَ جا ڳجهي ڳالهه،
آءُ نه سليندي عام ڪي.
مٿان ميٺي ٿي وجي، منهنجي مٺي نيال!
مٿان آليءَ واڌگيانءِ پرڪي ڪنهن پونچال!
سدا منهنجي جيءَ هڏيءَ، سانڍيو آهه، سوال:
”ڌرتي ڪڏهن ديس جي، ٿيندي لالون لال؟“

Gul Hayat Institute

نئي منجهه فرنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!

اي منهنجي تاريخ ڏسان ٿو
انگ نه تنهنجي انگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!

ڇڻ نه صديون ڪانءِ منهنجي ترتيب
رنگت لهوءَ جي رنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!

ڪنڊ آهو ڪورايو ويندو
جنهن ڪي آهي ڪلنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو

ڪائي واهه نه ڪائي واهر
واٽ وسيهر ونگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!

پنهنجي پٽ ۾ جيئڻ وارا
جنگ ڪري ويا جنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!

ڪيڏي ورهه لڳي تي وائي
ڏاهپ جيڪا ڏنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق به ڪهڙو!

Gul Hayat Institute

ٿي پري ليننءَ گراڊ ۾
ٻٽيهه برسن تا پياء

اولگا جي شاعريءَ ۾*
اڄ ٻه ٽازيءَ آهي ياد ۾
ٻٽيهه برسن تا پياء

اڄ به منهنجا ديس تو ۾
چڙ ته ٽازي بدنهاد!
ٻٽيهه برسن تا پياء

اي ڏکي! گهٽلنديں ڪڏهن تون،
آءُ اي باد مراد ۾
ٻٽيهه برسن تا پياء

Gul Hayat Institute

---

* اولگا برگال (Olga Bergolts)
ليننگراڊ جي شاعره، هن جي شاعريءَ جو ڪتاب ”ليننگراڊ نوٽ بڪ“ 1942ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هن جا ليننگراڊ جي گهيراوَ جي باري ۾ نهايت تلخ نظم شامل آهن.

آيو سڄ ۾ مٿان
ڄڻ ڪنهن شعلي جان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

رکت رسالو شاهہ جو
لسيءَ لوڻي سان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

ڀمرن لال قلوڪڙا—
لال ليارون ڪان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

ٻورو ڪنڌي پنڌڙو
مارو، شال مران!
اڃا پنڌ پنو نہ آ۔

Gul Hayat Institute

ڏرتي! بس تو سان
ماڻهوءَ ٻول نہ پاڙيا!
آدي ء مانجهيءَ ڳيت ٿي و ڳايان- آهه اڃان.
سپني منجهہ رچي وڃي ماڻهو ڏيٺ متان!
(ماڻهو سپنا تو آڏي پنهنجيءَ رت پڻ ء مان)
رانڀي جرتر آڏيو ڳاڙهو سج متان!

Gul Hayat Institute

انت تہ اچُو آنھہ
هاڻي پند پري نہ آ!

تارن جھرمٽ مان لڙي
مون سان نچُو آنھہ

ڀيڪين موکي مُدّ م
مون سان مچُو آنھہ؟

هيل تہ ريٽو ٿو لڳين
اڇا بہ رچُو آنھہ؟

انت تہ اچُو آنھہ
هاڻي پند پري نہ آ!

Gul Hayat Institute

’تون‘ تي تون آهين
منهنجي ’پون‘ آهين،
او آيل! او سنڌڙي!

منهنجي ساري ذات تون
منهنجي ’مون‘ آهين-
او آيل! او سنڌڙي!

تون ٿي منهنجا بيت آن
تون وايون آهين-
او آيل! او سنڌڙي!

اڃا نڪتي ڇو نه تون
ڪاهيءَ ڪون آهين؟
او آيل! او سنڌڙي!

ويريءَ جي وارَ ۾
ڏينهن تہ ڏون آهين!
او آيل! او سنڌڙي!

Gul Hayat Institute

تون تيرهن سؤ سال
موکان اڳ ڄائو هئين.

پوءِ به ڪو آواز ڏي، هر ڏينهن منهنجي حال ۾!
منهنجو ماضي آهين تون ۽ تنهنجا استقبال!
ڌرتيءَ منهنجي ديس جي اوڙلي لک دلال.
اڃا منهنجي آرت ۾، تنهنجا خواب خيال.

Gul Hayat Institute

آهه ساڳيي پارڪرَ ۾ -
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟ *

ايتري آڪڙ ڪَري تون
پير ڌرتيءَ تي نه ڌَر!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

نيٺ مٽيءَ ۾ سمايا
جي به آيا هن نگر -
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

موت تنهنجو منتظر آ
اجنبي! ايذي نه ڪَر!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

Gul Hayat Institute

---

* سلطان محمود بيگڙو، جو گجرات جو حاڪم هو ۽ جنهن سورهين صديءَ ۾ پارڪر تي ڪاهيو هو.

سڪندر! ڪالهه ڏٺو هئو تو جيڪو هيمون،
اڄ به آهي پنڌ ۾.

پورا آيا ايترا، پيراي پٺيءَ پيمون.

سو بهتنهنجو ڏيسڙا، هي جو منهنجو مون.

آهين سڀ جي ساه ۾ سنڌو تون ئي تون!

Gul Hayat Institute

هيمون ڪلاڻي،
وسري وسراي ڪينڪي

اَڄ به جوڪا جيءَ جا ۽ چاڻي واڻي،
اجان چنڊ چڪور جي ساڳي ڪهاڻي،
هُو جا ڏيئي لات آ، نباهي وساڻي،
ڌرتي پنهنجي ڌان جي ٿيندي ڏياڻي.

Gul Hayat Institute

ٿي ويا ناھر ڏنار
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!

چور چوڪيدار آھن
ڪن پيا ڪوڙي پڪار
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!

جيت ڏنھنجي جيت ناھي
هار تنھنجي ناھ هار
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!

ديس تنھنجو ديس ناھي
سار تنھنجي ناھ سار
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!

اڄ تہ ڪرڪي، ٿي هوا ۾
ڪونجڙين جي ڪا قطار
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!

ڇا ڏيان توکي مٿيار!
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!
تون اڃا سمجھين نہ ٿو!

Gul Hayat Institute

هاڻي تہ پري ناهي
سا مُند اچي وئي آ.
تا گُل تڙن گاڙهيا، ڇانگو تہ اچو ڪاهي!
مومل تہ گهڻو مُرڪي، سوڍو بہ تہ ساڃاهي!
اَڄُ ڪاڪ ڦلاري آ، ڪو پنڌ پيو آهي.

Gul Hayat Institute

هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڻ ڏڙڪن پيون.

پير ڏسن ٿا پنڌ ۾
ڳاڙهي ويس ڳليون—
هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڻ ڏڙڪن پيون.

متان پانئين منزلون
پنهنجو پاڻ مليون!
هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڻ ڏڙڪن پيون.

لُڙڪ لڙي پيا، وينگسون
ڪوئلي هانءُ ڪيليون
هاڻي لڪڙ دليون
گڏجي چڻ ڏڙڪن پيون.

Gul Hayat Institute

هي جي ڪيئي ڪَنَ
ٻڌن پيا پاڻ ڪي.

جن سان گونجيون ٻستيون
توڙي گونگا ٻَنَ -
ٻڌن پيا پاڻ ڪي.

وڏن پيا واٽ تي
گونجي منجهه گگن
ٻڌن پيا پاڻ ڪي.

وڇڙي ويئي آگ ڪا
تن جي تَنَ بدن!
ٻڌن پيا پاڻ ڪي.

Gul Hayat Institute

هو مون کان ڇا لاءِ ڏڪن ٿا
مون وٽ پيار سوا ڇو چاهي؟

جهونيءَ ورهيه تي جيئڻ وارا
امرت کان ڏاڍو ڇرڪن ٿا
مون وٽ پيار سوا ڇو چاهي؟

هو سڀ موت جا ڪانگي آهن
جيون تي ڪيڏو نه ڇڙن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ڇو چاهي؟

ڪيڏا لاش سلامي ڏيئي
بندوقن تي آڪڙجن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ڇو چاهي؟

Gul Hayat Institute

رات پَرَ تُنهنجي پڪارَ
ننڊ کي نينڊي رهي.
آڌ ڏرتني سُرخ ٿي وئي، ايترا آيا بهارَ!
ڪويلڙون ڪُوڪن پيون، ڪوئي ته ناهي چپ، يارَ!
ڇو اڇا گُلنار ناهن، روء تنهنجي جا آثارَ؟
تو ڇڪين ڇُوهي جيان، مون کي پراهين پار، يارَ!

Gul Hayat Institute

ڏرتيءَ پيئي ڏڏڙي
ڪوٽ سارو تو لڏڙي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

ڪيتري ڳاڙهاڻ آ
لوهه ۾ تي جا اڏي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

اڄ هلي اوڙاهه ۾
ڪير ڪنديءَ تي ڪڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

آءُ اي سيلاب آءُ
جو پڏي تو پل پڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

Gul Hayat Institute

رات، نڪارا گئا *
چنڊ ڀهاڙن متان.

ديس مٿان ڪيترا
روز ڪماندو مئا! *

پيار ۽ هيا، ديس جا
سڏ جڏهن تن سئا.

شال ٻرن اوچتو
لون انڌ جي لئا!

رات، نڪارا گئا
چنڊ ڀهاڙن متان.

Gul Hayat Institute

* نڪارا گئا = Nicaragua
* ڪماندو = Commando

نوٽ: نڪارا گئا ۾ 16 - 17 ورهين جا ٻار ڪماندو آهن.

ماڳَ ڏسي جيئڻ مرڪڻ تا
ڪاش! آنهن سان مان بہ هجان.

منهنجي جوتِ تہ آهي جنهن جي
ڇَر ۾ هُو سڀئي ڇرڪن ٿا،
ڪاش! آنهن سان مان بہ هجان.

جندڙي ٿورو شاٿ تہ ڏي، هو
آجيارو گهرُ گهرِ ڪن ٿا!
ڪاش! آنهن سان مان بہ هجان.

Gul Hayat Institute

## 1995ع

لکيو ڪتي چڙهن

ڏيهي منهنجي ڏيهه جا.

ڏسي ترڪيون واٽ تي ٽوڪر جيئن لکن،
سي بہ تہ آهن سات سان ٽيٽون جين نڪن،
ڪارونجهر جي چوٽين تان گوليون ڪڙڪڙ ڪن،
پوڙهيءَ سرچجي پيون ۽ تي ڪينائر ڏاڍ ڪين،
هي جي آڪيون اندريون ڪيڏو ڏور ڏسن!

ڏيهي منهنجي ڏيهه جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهه جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهه جا!

Gul Hayat Institute

سڱوسيون سڀاڻيو
اجهو آيا گهوٽڙا.

ڪنڌ ڪميتن تي آڻي، لونگيون لٽڪايو،
اجهو آيا گهوٽڙا.

ڪاري رات رمي وئي سج ڪني آيو،
اجهو آيا گهوٽڙا.

ڏسي رستا رت سان متان گهرايو!
اجهو آيا گهوٽڙا.

منهنجو توسان ديس ڙا لايو سڄايو،
اجهو آيا گهوٽڙا.

Gul Hayat Institute

آهن بند ڪِواڙ
چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جهي.
پوءِ بہ ڪُوءِ ڪَلاڪَ جهي، تاڙيءَ لئہ هيءَ تاڙ!
سارا ڪوهہ ڪپي وڃن، پاڙ بہ اهڙي پاڙ!
منهنجي آجائي ٿيا، جيڪي منهنجي ماڙ،
او شل! جيئن جُوهہ سان لاڙي منهنجا لاڙ.

Gul Hayat Institute

ٽر ۾ ڇنڪي آهي
ڪانڪهہ تي چانڊوڪي.

ساري رات آسوءَ جا بادل
جن تيان لٽڪي آهي،
ڪانڪهہ تي چانڊوڪي،

ڇوڏس واريءَ تي چانديءَ جيئن
هيءَ جا ڏڪي آهي،
ڪانڪهہ تي چانڊوڪي.

ڏون جو ڪنٽ تي ڪونه ڪڙيل آن،
هر هر ڪتڪي آهي،
ڪانڪهہ تي چانڊوڪي.

Gul Hayat Institute

---

* ڪانڪهہ = ٽر جو هڪ وڻ، جو ريتاڻينءَ زمين تي ٿيندو آهي ۽ جنهن ۾ گباڙهيرا ڦڻل ٿيندا آهن.

اوچتو ويندين ملي
ساموٽي ۾ ڪڏهن. *

پاڪ ڪرين پوتڙين اچي
ڪير وانگر تون ڪلي-
ساموٽي ۾ ڪڏهن.

چنڊ هيٺان پاڻهي
رات پڙ سياڪي رلي-
ساموٽي ۾ ڪڏهن.

آهه چوٿ آسائتي
ڪون جي هرڪا ڪلي-
ساموٽي ۾ ڪڏهن؟
ساموٽي ۾ ڪڏهن؟
ساموٽي ۾ ڪڏهن؟

* ساموٽي = ڏيپلي جي اتر وارو پاڳو.

Gul Hayat Institute

آڄ ته اوچا اڪ
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

اڄان ڳوليو ٿا پيا
ساندڙو ۽ مڪ!
اڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

ڌرتي سب ڊونڊاڙجي
جڪ ۽ ايڏا جڪ!
آڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

جهوڙا جهنبا ٿي ويا *
لوهه گهلي جو لڪ!
آڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

Gul Hayat Institute

---

* جهوڙا = مٽي تي وار، جي مڇو ڪري ٻڏا ويا هجن.

گَنديون ڇپايو،

مٿان پَون مينهڙا،

اَکيون ۽ اکين ۾ ٻوجهي، ڳنڀجهو ڳالهايو،

ساٿارِ ٿو ٽماٽ سان، ورلهي ورجايو!

آزاديءَ کي ماڳ تان، مٿان موٽايو!

Gul Hayat Institute

هو اوچو آڪاس
آبَّ پـﭐـيي آيري!

اڄان ڏوڪي سَنُبريـن، سارِيءِ مٺهنجو ساسُ،
آبَّ پـﭐـيي آيري.

اڄان مون آنتهہ - ڪـرنُ ٿيو نہ آهي ناسُ،*
آبَّ پـﭐـيي آيري.

ساڳو مڙهـيءَ ڊُوپ آ، ساڳـو آهي واسُ،
آبَّ پـﭐـيي آيري.

سانوڻ جئن سِرجي پيو، مون ۾ ڪو وشواسُ،
آبَّ پـﭐـيي آيري.

---

* آنتهہ ڪـرنُ = اندر جو آدمي، ضمير.

Gul Hayat Institute

جٺن جٺن گهٽي جاڙ
تٺن تٺن ويجهي ماڙ،
اجهو وڌا مينهڙا.

ڪاڙهي ۾ ڪيڏانهن ويا،
سارا ڏڱ ڏراڙ؟
اجهو وڌا مينهڙا.

ٽڙ تي ٽڏيري هوا
آندي آ آڪاڙ،
اجهو وڌا مينهڙا.

آيڙا وڻ آڪڙي ويا
ڪيٺي جهونا جهاڙ،
اجهو وڌا مينهڙا.

اڄ به آ آڙنگ ۾
تاڙي ساڳي تاڙ،
اجهو وڌا مينهڙا.

Gul Hayat Institute

ٻَهڪي ٿڙي ٻَڪرال،
مينهن وسن ٿا ڇِپ جا.

آيرن ٿا آڙنگ ۾ ڪيڏا خواب خيال!
هُنيا ابر آسري مَارو تو ڙي مال.
آيا آتبر مينهڙا! آجُ ته پيلائسي پال!

Gul Hayat Institute

ڪالهه هئيا آڙنگ،
اڄ وسي ٿو وڏ - ڦڙو.

ڪيڏو مَن ۾ ڪي پائيا
ساوڻ ۾ رنگ سرنگ!
اڄ وسي ٿو وڏ - ڦڙو.

مارو سارا موهيا
ڏسي وڄڻ ۽ ونگ،
اڄ وسي ٿو وڏ - ڦڙو.

ريلهي منجهه لڙهي ويا
دنگ ۽ کهڙا ڍنگ!
اڄ وسي ٿو وڏ - ڦڙو.

اڳئين تنهنجي آسري
ننگي تو تي ننگ!
اڄ وسي ٿو وڏ - ڦڙو.

Gul Hayat Institute

ڏِوَ ٽينڊل ڊاڏيئڙا!
سِنگتيءَ سُڪن ٿا.

ٻاجهريئن ڇڙيءَ ٻاجهہ ڪَٽيءَ آ
لَڻ لَڻ آهي ليٽيڙا،
سنگتي سُڪن ٿا.

تارن وانگر ٽمر ٽمر ڪن ٿا،
ڏهر ڏهر ۾ ڏيئڙا،
سنگتي سُڪن ٿا.

اڄ بہ تن جي سار اچي ٿي
ڏُور ويا سانگيئڙا،
سنگتي سُڪن ٿا.

ايندا ايندا نيٺ تہ ايندا،
جاڳ اچا ڪچهہ جيئڙا!
سنگتي سُڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

ڪڄن ٽا ڪيچڪاٽ،
اُچن پيون اوڙڪيون.
اڄان تو لئه ديسڙا آهي ساڳي واٽ.
متان ماڳ منجهي پئين، اوچي رکو لاٽ!
مينهن، ماندا ٿا ڪيا، اڄ ڪهڙا گهر گهاٽ؟
اچن پيون اوڙڪون.

Gul Hayat Institute

ويهل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

مان اُڀرن ۾ ڪيئن رهندس
مون پُلائي نانهي پون!

هو وسي ٿو وڏ ڦڙو
سايون ٿيون ترُ ۾ پٽون!

جي اڄان موتي تہ مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون.

موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

Gul Hayat Institute

مٿان وسي ماڪَ،
ڳئوار پٽيندي ڪاهڙئين.

پرهه جو پنهواريون، ڪيسين ڏڪن ڏاڪَ؟
پويون لوڙائو چئو، راتين جا رولاڪَ!
مٿان اورانگهي وڃو، ڪڏهن ٿرين ٿاڪَ!

Gul Hayat Institute

تاريون هڻين نه ٽوڙ!
پلي مينجهه موڙ،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

ڏاڍو، مينهن وسي پيو
ڏاڍو پوڙان پوڙ،
آيا سانوڻ مينهڙا.

لڳهه جي لالاڻ کي
اُتر، اِئن نه وڳوڙ!
آيا سانوڻ مينهڙا.

واڙي رک اڄ واڙ ۾
چيلا چيڪ نه ڇوڙ،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

اوڳي اوڇي ڳاتِ
تو نہ سڃاتا سپرين!

جن جي ٻُنهي ٻاهران
پيٽي پوري لاتِ
تو نہ سڃاتا سپرين!

تنهنجي ٻانهڻِ روڪيا
چوڙين جا ڇڻڇاتِ
تو نہ سڃاتا سپرين!

وڳهي کان پوءِ وانڙي
ورتئہ تن جي واتِ
تو نہ سڃاتا سپرين!

Gul Hayat Institute

ٽپّ ۽ تو وٽ ٽپّ
کهڙا منهنجا ڏيهڙا!
ڇا مون پيتي ڪانہ آ تنهنجي لڙڪن لپّ؟
وايون تو ڙي بيت ها اڳي نہ روڪيا ڊپّ۔
اڄ ڇو رتو رت ڪيا مون پيڪوڙي ڇپّ؟

Gul Hayat Institute

ناهي ڪا نٽهڻي
ڪَوُتا منهنجي مَنَ ۾.
هيءَ جا هاڙهي ذي هليي، ماڳ نه آ سٽهڻي.
پيرڙين پائهي گهنگهرو، جات نه آ جٽهڻي.
ساهَسُ ڪوئيي ساهه ڪيي، راتِ ته آ ڪٽهڻي!

Gul Hayat Institute

ڏيندي وڄ وڪڙ
گهوري ڪارا تڙ،
مون سان جي ڪاوڙ ڪندين.

چوندءِ ”هي ڇا تو ڪرين“؟
جهلي جهونا ٻڙ -

وارِيءَ وڪيون ڦهليون
هي سڀ ڪنهن جا وڙ؟

ڏنيون ههڙيون وانگيون
کهڙي تڙ آوڙ؟

تنهنجي ڌرتيءَ تي گهٽا
مون جهڙن پيا سِر ڌڙ؟

مون بِن تارا آپ ۾
گهيرو! ههيا ڳڙ؛

پوءِ ٻه مان ٻانهون ٻڌان
مون ۾ نانهه آڪڙ!

Gul Hayat Institute

نوڙي نوڙي پيھہ،
پيھي پٽ تي ويھہ!
پيھر ايندءِ ڪينڪي.

ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا،
جن لئہ سارو ڏيھہ-
پيھر ايندءِ ڪينڪي.

ھي جھي جوڙٺھار جيي،
زاڳيءَ ڏيٽن ريھہ-
پيھر ايندءِ ڪينڪي.

جھونگارينڊو واڱيوڻن
سدا جئين سائيھہ-
پيھر ايندءِ ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

هي جو گيت اڌورو آهي
پوئين وقت چپن تي.

ڪنهن به ته ان کي ڳاتو ناهي
هي جو گيت سمورو آهي؛

برکا جهڙا گيت ڏنا مون
توڙي جيءَ ته ڪورو آهي!

گهر گهر تي چانڊوڪي ڇانئجي
چنڊ گهٽيءَ ۾ پورو آهي؛

آءُ پوان ٿو ليٽي يارو!
سيرانديءَ تنبورو آهي.

Gul Hayat Institute

ڏرتي، مون سان وڙ
ڏون ڇا ڪندينءَ جيڙي؟

ڪيڙي ڪاڻ پُو سانپيا، ته سڀ جهونا ٻڙ!
جڳن تائين ڏي وڃي، جيڏا، منهنجي جڙ!
ڪيئي گوئنچ ڦلاربا، پڇاڙان پٽ - جهڙ.

Gul Hayat Institute

اُتي آڌيءَ راتِ جو
توليءَ ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.

ڦڙا ڦڙا ماڪ جا
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
توليءَ ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.

جن تو لاءِ سڳند جون
کيئي ڳيليون ڳولڙيون،
توليءَ ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏهه جا.

پنيرکي جو پڻ مٿان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
توليءَ ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.

Gul Hayat Institute

ڪيسين لڪ لڪي
سونهن پرين ٿي پڌري.

جهونجهڪڙي جي جهانءَ ۾
ڀڙاڙي ڀڪي
سونهن پرين ٿي پڌري.

نينگر نيوڙي ڪوهه تي
تارن ڏول چڪي
سونهن پرين ٿي پڌري.

پرهه ٿي پارون اچي،
ڪيسين رات ٽڪي!
سونهن پرين ٿي پڌري.

Gul Hayat Institute

جي تنهن ڪائي وٽ،
سپيريان جي سٽ،
منڊ پريان ئي پڌري.

چمڪي چوڏينهن چنڊ جان،
نيمي هن جي نٽ،
منڊ پريان ئي پڌري.

هيءَ جا بوءِ بهار جي
کهڙي تنهن جي ڪٽ!
منڊ پريان ئي پڌري.

اهڙو ڪو آواز آڄ
ڪونهي ڪينر پٽ،
منڊ پريان ئي پڌري.

Gul Hayat Institute

وڻن پيا واٽ تي سُورج مُکيءَ کيتَ،
اڃان جيئڻ ڏينهڙا.

اڃان رومي رتّ جي، اڃان ساڳيا بيتَ،
اڃان جيئڻ ڏينهڙا.

اڃان وايون ڪيتريون منهنجي چيتَ آچيتَ،
اڃان جيئڻ ڏينهڙا.

اڃان ٿورو دير سان ڪارا ڪيئن ڪميت!
اڃان جيئڻ ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

پيو مينهن وسي
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

نه سڀ گوريون گهاٽ تي، گڏيون گيت نه سي،
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

* رُويءَ آڪيون جهانوريون ڪڪريون ڪونه پسي،
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

گنگا جي ڳجگات ۾ ڪيئين ناوَ ڪسي!
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

اڳتي ڪارونيار ۾، چاهي؟ ڪير ڏسي!
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

* سويي گيانچنداڻي جي روايت آهي ته جڏهن هو شانتينڪيتن ۾ پڙهندو هو تڏهن ٽئگور پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ آڪاس ۾ ڪڪر نه ڏسي سگهندو هو.

برکا رُت، اڌارات، ڇڇُريءَ
پاڻيءَ پڇُڙ تارن جئن.

منهنجي من ۾ ڪيئي سارون
ساوڻ جي وسڪارن جئن.

دور دور تي بادل آهن
ورهين - وڇڙيل يارن جئن.

هر هر من ۾ گيت دُکن ٿا
آڏيءَ جي انگارن جئن.

Gul Hayat Institute

منهنجي سيني تي اچان
تنهنجو ساهه ڪچي پيو!
تنهنجي سار ـ سراءِ جو پيرو ڪيئن پڇان!
تو لئه ٻي ڪنهن شهر ۾ چاجي لاءِ وڃان؟
ڇا ٿون مون ڪان، دور آن؟ اِهو ڪيئن مڃان!

Gul Hayat Institute

بادل ٿا برسن،
جيڏا وري ڇهوڪ تي.
شاهه عنايت آپ مان، چيمڪي ٿو چٽن چٽن،
نه تو سونگي سنڌڙي، نه تون ڏاڍي ڏن!
مٽن مٿي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان، اڄان مري جٽي نه مرن!

Gul Hayat Institute

تو ڪيئن ساريان

سچ ۾ تڏي ساهه سان!

اچُو آهين اوچتو، تنهنجي ڪيئن واريان!

ڪئُويچل وانگر ڪيترو، تو لئه پڪاريان؟

اجهو اولٿهه ۾ لٿو، ڪيئين نهاريان؟

ڪانئي ڏيک تڏي ڪڏهن، تهان ۾ نه جئن هاريان!

کهڙي ڪَرڻ ڏُٽُلّ

توکي ڪنهن سُرهيو ڪيو؟

ڪنهن توکي آڳت آڇيا، ههڙا ڳاڙها گُلّ!

مون کي ڏنئہ جيئري، مُلّ نہ ڪهڙا مُلّ!

آءٌ تہ سارو ساڻت هان، تو وٽ هيڏا هُلّ!

اونهاري جون راتڙيون، ننڊ نہ اچي ٿي.

گرم هوا جيءَ گود ۾ واڙي پڇي ٿي،
ننڊ نہ اچي ٿي.

ڪائي رويا نرت سان ساهون نچي ٿي،
ننڊ نہ اچي ٿي.

جڻ ڪائي ڪتوتا وري رت ۾ رچي ٿي!
ننڊ نہ اچي ٿي!

Gul Hayat Institute

اهڙي اڱ ـ ڳڻتي
کهڙيءَ ڪـَـوُتا ڪي هئي؟

ڪنهن هئن دانهن ٻَڌي هئي
دُکي ڌرتيءَ جي؟

ڇا اڱ ڏيهـَ ڏِٺا هيا
ڏاهپ هئن ڏَمري؟

من ـ پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هِئن ڪـُرلائي؟

Gul Hayat Institute

آنيـوءُ جو پـَنُ پـَنُ،

ساڳي ساوڪ ساهه ۾ –

برکا رت جهڙي باک جڏهن آئين منهنجي مـَنَ،

جيڏڙي! منهنجي جيئڙيءَ واري وايُون وطن،

مون سان گڏجي ويهه اڄ، سانوڻ سنگهاسـَن!

Gul Hayat Institute

سمنڊ جئن گرجا جاڳ گهڻنڊ،
ڪئن نہ لهريون ٿي وڃن ٿا!

راتڙي تارن ڏيريءَ ۾ ڪاٻہ مون ڪي ڪناهہ ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ لهريون ٿي وڃن ٿا!

چؤطرف آ شور ڇا جو؟ ڏس تہ ڪنهن ڪي آهہ ننڊ؟
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ لهريون ٿي وڃن ٿا!

جڳ سارو جاڳ آهي، جاڳ ڪي ساڃاهہ ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ ڇوليون ٿي وڃن ٿا!

Gul Hayat Institute

ڪيترا ڏينهن پڄاڻا رات آئي،
رات آئي.

آهه منهنجي هنج ۾ منهنجي سهائي!
رات آئي.

چنڊ وانگر هي ۽ تنهنجي ويجهڙائي!
رات آئي.

وير جڻ آيري اسان تي ننڊ ڇائي،
رات آئي.

سمنڊ ۾ ڪيڏي نه سندرتا سمائي!
رات آئي.

Gul Hayat Institute

نوري! مهاڻا

سارا تنهنجي چار ڳُڻ.

اِئين رهه آزاد جيئن پکي اُڏاڻا!

ڇو تون ڇڏين جام لئہ ماڳ جا ماڻا؟

ڇڙي، ڪينجهر ڪنڌيُن بِرا نہ پاڻا!

Gul Hayat Institute

هي جو منهنجو ماسُ،
هي جو منهنجو ساسُ،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

اڄا ڪانڌي آروشي، گوليي ڪاليداسُ،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

چاندوڪنيءَ ۾ چيٽ ڄڃي، آڏيءَ نجو آڪاسُ،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

ڏينهن تني جا ڏاڪڙا واريءَ منجهه وِماسُ، *
ڪلا ڪارڻ ڪيترا.

سڀ ڪجهه مون سان ساٿِ آ، ڪجهه به تہ ناهي ناسُ!
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

Gul Hayat Institute

* وِماسُ = انتظار، تڪليف

پوئين وير اچي وئي آهي، ها پر مان نه مڃان-
مان نه مڃان، او مان نه مڃان، او مان نه مڃان!
گيت ڳلي ۾ آهن ڪيئي ساڻون سنگ اچان؛
جيسين ڪڙڪڙ ڪان وڃن ٿا پنهنجي سينگ سڃان؛
روشنيون ٿي رمجهم برسان، سارا پول پڇان؛
آنت آهو اندنيارو آهي، جنهن ۾ نيٺ وڃان-
مان نه مڃان، او مان نه مڃان، او مان نه مڃان.

Gul Hayat Institute

ويٺي ڙي ويٺي
ڏنگي وچ درياهه ۾.

ويٺي ويٺي اوچتو جڏهن جهوٽو نيٺي
ڏنگي وچ درياهه ۾.

آهيون آهون ڪن پيون ڪنڌيءَ تي ڪيٺي
ڏنگي وچ درياهه ۾.

پهتيون پريءَ پار ڏي اکيون اڳيئي
ڏنگي وچ درياهه ۾.

Gul Hayat Institute

ڪيترو تو ۾ آهاءُ!
ڪيترو تو ۾ هُڳاءُ!
ڇڻ ته ڪوئي ڪيت آهين سؤنف جو!

پيارَ! تنهنجي سارَ ۾
مون کي نه آهي رَڪ رڪاءُ.

پيار جي خوشبو لڪي ڪئين
ٿو اُڏامي ڇڻ ته واءُ!

تون جتي آن، سُونهن آهي،
اي پرين تنهنجو سڀاءُ ـ
ڇڻ ته ڪوئي ڪيت آهي سؤنف جو!

Gul Hayat Institute

ٿون جڏهن گذرين ته واڙيون
سڀ سڳنڌون ٿي ويون.

ڦهلجي ويو واس تنهنجو چئن ته پرڏيهي پرين!
ڍنڍ تي آڏريون ته آڙيون-
سڀ سڳنڌون ٿي ويون.

ٿون ملهين سڀ جڳ مليو منهنجا ڳلن جهڙا سڄڻ!
پنڌ ۾ ساريون پهاڙيون-
سڀ سڳنڌون ٿي ويون.

پيار جي مند ۾ گهڙيون ويندي امرتا کي رسيون،
زندگانيءَ کي لتاڙيون-
سڀ سڳنڌون ٿي ويون.

Gul Hayat Institute

ياد اچين ٿي تون
ڪجهه ٻہ ته نہ تو آڻڙي!

پاڻ ڪٽي وئين پاڻ سان
مون مان منهنجي مون-
ڪجهه ٻہ ته نہ تو آڻڙي!

ڇڻ ڪنهن گهاٽي مَند جان
مون ۾ آهين تون!
ڪجهه ٻہ ته نہ تو آڻڙي،

سيج لٿي جو ڳالهڙيون -
منهنجي تنهنجون-
ڪجهه ٻہ ته نہ تو آڻڙي!

ڇڻ ڪا جانجهہ وڃي پئي،
ڇڏٽي آهي پيون!
ڪجهه ٻہ ته نہ تو آڻڙي!
ڪجهه ٻہ ته نہ تو آڻڙي!

Gul Hayat Institute

ميگهه - دوتَ تنهنجو
نياپو چو نہ ڏنو آ؟

اونداهي آڪاش مان
وڏڦڙي واڪو!

ميگهه - دوتَ تنهنجو
نياپو چو نہ ڏنو آ؟

وڄ ورا ڪال تي ويا،
وسڪارو ڪيڏو!
ميگهه - دوتَ تنهنجو
نياپو چو نہ ڏنو آ؟

تنهنجي مَنڊ اِڇي وئي
ها، پر ساڄن چو
ميگهه - دوتَ تنهنجو
نياپو چو نہ ڏنو آ!
نياپو چو نہ ڏنو آ!

Gul Hayat Institute

* ميگهه دوت = مينهن جو نياپو آڻيندڙ، ڪالي داس جي نظم جو سرو.

تنھنجي ڪنجھڙي جڳن پريه *
ڪيل پئي گونجي،
توکي سارِيان ٿو.

ھي مدماتا نيڻ چڻ
ڪيھي پيو چڪي!
توکي سارِيان ٿو.

منھنجو ڪنڌ اچا به آ
تنھنجي ڪلھي تي،
توکي سارِيان ٿو.

توڙي ويجھي ڪانه آن
ناھين پو به پري!
توکي سارِيان ٿو.

Gul Hayat Institute

* پريه = پرين.

چنڊ جا پاڳي نه پيري،
ننڊ چورائي پيو!

واءُ ۾ ڪوئي پکي آ
لات جنهن جي آ آويري.
چنڊ جا پاڳي نه پيري،
ننڊ چورائي پيو!

آپ ٿي ايڏي آڇاڏي
ننڊڙيءَ جي آهه ويري.
چنڊ جو پاڳي نه پيري،
ننڊ چورائي پيو!

تو ٻنان ويئي آجائي
عمر گهنگهور ۾ گهٽيري.
چنڊ جا پاڳي نه پيري،
ننڊ چورائي پيو!

ڪين ڇٿون ڪنهن وقت ٿيندا
ڪُوڙ جا هي ڪوٽ ڍيري!
چنڊ جا پاڳي نه پيري،
ننڊ چورائي پيو.

Gul Hayat Institute

# گیت ءُ غزل



Gul Hayat Institute

# گیتءِ غزل



Gul Hayat Institute

هيڪلڙو مَن هيڪلڙو

وڻ ۾ پنَّ ته ڪيئي آهن -
پوءِ به پن پن هيڪلڙو

دور ڪٿم تان پنڇيءَ وانگر
هيٺ ڏسي ٻن هيڪلڙو

لهرون، لڙ، درياهه گهٽيءَ
تار ترِي تَن هيڪلڙو

ڪنهن کي آچي، ڪنهن سان ورچي
مَنُ آتم - تَنُ هيڪلڙو!

Gul Hayat Institute

ايڏي چُپ“ اپار
چڱي تہ ناهي يار!

جي تو وٽ ڪوئي گيت نہ آ
ڪا جيءَ منجهان جهونگار،

ايڏي چُپ“ چڱي تہ نہ آهي!
پڙجهڙ، ڪا پڙڪار!

زنجيرن لئہ زور نہ آهہ جي
ڪا جهيڻي جهنڪار!

ڪارڻي رات ابد تائين آ،
اوندهہ تارون تار،

پوءِ بہ ٿي ڪا جيءَ جهروڪا
لڙءَ لڙءَ منجهہ لغار!

پوءِ بہ ڏئي ڪا واءُ وراڪا
ڪونجڙين ڪُڪار!

چڱي تہ ناهي يار
ايڏي چُپ“ اپار!

Gul Hayat Institute

ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ بانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

امرت رس ڇلڪاءِ بانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

سنج ٿي ڏي، ان ڪان اڳ ۾
رنگ نوان برساءِ بانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

پويان پل پڪارون آهن
تن کي تون نه لنواءِ بانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

Gul Hayat Institute

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي تہ ٻوڙي *

ها، ها پل ٻوڙي
پائو، پل ٻوڙي!

آيري سج آلهي ويا، ڪيسين ڪو لوڙي؟
ڪيسين ڪو لوڙي؟
پائو، ڪو لوڙي؟

راهہ ملي ڪا رنج مان، ڪيسين ڪو ڊوڙي!
ڪيسين ڪو ڊوڙي؟
پائو، ڪو ڊوڙي؟

زنجيرون زندان جون ٽوڙي ڪو ٽوڙي!
ها، ها پل ٽوڙي
پائو، پل ٽوڙي!

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي تہ ٻوڙي.

Gul Hayat Institute

* ڏکڻ مينهن نہ وسڻا وسي تہ ٻوڙي.
(هڪ چوڻي)

موت کي مات ڏني آهي ڪنهن
چاترر گياني سوچي—

انت ته ساڳو آهي، ڪهڙي
آنا ڪاني؟ سوچي—

ٻهر آئي ٿي، ٻهر ته آهي
آني جاني! سوچي—

پر هي ڪؤتا مرڻي ناهي
ڪا من ـ ماني سوچي—

چاترر گياني سوچي.......

Gul Hayat Institute

## غزل

سانوريون نينگريون پنڌ ۾ ٿي لُڏن،
چيٽ ۾ چڻ پيا انب جا وڻ لُڏن.

دور ريپاريون جڻ وڏن ٿاريون،
وائڙي ۾ پيا ڪيترا ڏڻ لُڏن!

ڇا اُتر جي ٿيٽ تو وساري ڇڏي؟
روز جهولا لڳن انب جا وڻ لُڏن!

پيار تنهنجو ڀرين ايترو ويڇهڙو!
دل ڌڪجي وئي ڪئن نه ڏانوڻ لُڏن!

هيءَ به آ شاعري جنهن سرءُ ڪانه آ،
روز بادل وسن روز ساوڻ لُڏن!

Gul Hayat Institute

## غزل

پاڻ کان ڪنهن هَرڻ جيان نه ڀڄو
رڻ ۾ رهڻو آ وَڻ جيان نه ڀڄو

سِڪَّ ۽ چِڪَّ ۾ رهي ويچو
ٻار جي مُنهَن ڏي ٿَڻ جيان نه ڀڄو

آسمانن ۾ شور ٿي گهاريو
وِڄ" وانگر وَسڻ جيان نه ڀڄو

نه ڏٺي آ نه ڪو ڏنار آهي
مينهَن جي ڏينهِن ڏَڻ جيان نه ڀڄو

ساٿيو! ڳورهاريءَ ڏرتيءَ تي
وقت کان اگهه چَمڻ جيان نه ڀڄو

ٻيرَ ڪوڙي رهو ٻهاڙن تي
ٻَٿّرن جي ڪِرَڻ جيان نه ڀڄو
رَتّ روڪي وِڙهو 'اياز' اجان
ڪانئرن جي ٻَڇڻ جيان نه ڀڄو

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

هاڻ ته سيڪجهه ٿو پــري،
رات پتنگا مون ڏٺا
پارٽ ڪان اوري پــري.

ترس ميان ڪپڙا متيون!
موت ته پيو ڪجهه ڪونه آ
بس، ٿوري ساهي پٽيون.

چا نه ڪبير جي واڻي!
"رام ڪرشن مرندو ڏٺو،
چارئي ويد ڪهاڻي."

واهه ڪبير جي واڻي!
"مالا ڪاٺ ته ٺاڪر ٺڪر،
تيرٿ ٿنو پاڻي."

Gul Hayat Institute

ميهڻن ڪيو آ ماڳ،
روهي آئڙي يار فريدا
هاڻ ته نينداڻ جاڳ!

ڏور نہ تنهنجي ڏِڪَ!
توکان اڳتي آهہ چا
تون بہ تہ هڪڙي وِکَ!

—

گيت نہ پَرکيئہ ڍولَ!
ڪرشن چَڪَر جئن ويا
جن جا سارا ٻول.

—

سمجهو تا لوڪو!
راهُو مرڻو ڪونہ آ، *
مري ويو ٻيو ڪو.

—

ماروءَ ڏِنا ويڻ!
جن سان ڪِرڙ ڪِڪوريا
ڪنهن سي ڏنا نيڻ!

—

جُڳ تِي ويا ٻيٺي، -
هاڻ تہ آرتيون چوليون
آيون مٿي تہي!

—

* راهو - شهيد فاضل راهو
"ميان بُلها، اسان مرڻا ناهين، مرگيا ڪوئي هور"
(بلهي شاهہ)

Gul Hayat Institute

وهوا وَنَ" آننت جو!
واچوڙو وڏراھ ۾
آهي چڻ تہ بسنت جو!

---

پاڙيءَ تي ڦوٽو
ڪيئن چوان ڪيڏانهن ويو؟
باقي هيءَ فوٽو!

---

هونئن تہ هِيءَ ڊايـَل،
توکيءَ ڏسي پو بہ چڻ
اکيون بکايـَل!

---

ڪيسين نچي مور؟
پيهر آيون چو نهِي
گهٽائون گهنگهور!

---

اکيون پٽيو ڙيءَ!
ميءَ جا ٻاک بسنت جي
آتِي جهٽيو ڙيءَ!

---

Gul Hayat Institute

اکيون کوليو ڙي!
هي جي وڻ ٽڻ موريا
تن سان ٻوليو ڙي!

---

هي جڳ مڳ جيون -
ڇا ڇا هن سنسار جو
سهڻين رنگ سپن!

---

متان آڏين من،
هي جو پڻ سڪي ڪريو -
سهڻين ساوا پن!

---

هيءَ ڪنهن جي آ تات؟
جيءَ جهروڪي مان ٿي اچي
پيئي ڪائي لات!

---

ڪنهن هي ڪالهه چيو
”قول نه ڦٽو ٽار تي
منهنجي پاند ڀيو!“

---

Gul Hayat Institute

اهڙو اونهارو،
چنڊ مٿانهون مونجهه ۾ -
پاڻيءَ جو وارو.

---

روجهڙيون پيهڙيون -
سج لهي ٿو سانت ۾
سامهون گيدوڙيون.

---

اڄ به سانيهَر ۾!
ڳاڙها گُل ڦلاريا
روهيڙا ڳي گهر ۾!

---

وسي پيو ڏرُ -
چيهلا چٽين تا پيا
ڪُونيٽ، ڪارونجهر!

---

ڪيئن وساريان؟ ڪيئن؟
چارُ پيرُون منڙا
ڪنهن جي چَٽين جيئن!

---

Gul Hayat Institute

تنهنجو ڪهڙو سنگ!
”اڳو لاهوتين سان،
روحل! تنهنجو رنگ؟“

—

ڇؤ تون ڪهڙي پنون؟
منهنجون سڪن اکيون،
ڪٿي آهين تون؟

—

مان جنهن ٽوليءَ ۾،
تنهن وٽ ڳاڙهي سج جون
ڳاهون ٻوليءَ ۾.

—

آيو، آيو ڍولُ،
سونَ - سريکو سپرين
جنهن جو ٽولُ نه مُولُ!

—

سورج نديءَ تي
رَوِي! ٻو ڇا ٿو ڏسين؟
دونهون هگليءَ تي! *

—

* هگلي = ندي جا ڪلڪتي مان وهندي آهي.

Gul Hayat Institute

ڪيڏو سانت - سناٽو!
سڻَ وسهي ٿي روهه تي،
ڪونجن جو ڪُرلاءُ -

---

هي سڀ جنڊي ڳالهه،
ڪُهاڙيا، ڪوڏاريا،
گوڏر وڏي ڳالهه!

---

اڄا آهين باندر!
ساڳيو ڪتو ڪرم ۾
ساڳي ڏوري ڏاندر!

---

ڀيهون، نه ڀيهون؟
لهڙا لس وچن پيا
ڪيچ - ڏٺي ڪيهون!

---

چڙن جي چرُ پرُ -
ڪنديون چريا چهلڙا
مٺي ڪٿي ڪرُ،

---

Gul Hayat Institute

وَريا ڇو نہ وَلَرَ؟
ننڊ نہ آئي رات پَرَ،
ڪَنَ ٻُڌي ڪُوڪَرَ.

---

هي ڇا ٿو چاهيان؟
ڏُنل ڏاڏاڻن جي
لوئِي ڪيئن لاهيان!

---

مٿان ڪجهہ واري،
ٿَرن ۾ ٿڪجي پوان
پَهون پيئاري!

---

هاڻي تن جي سارَ —
جن موتين ڪئي مُٺ ڏنو
وَيا سي وڻجهارَ.

---

آرهي ڪَنَن ڪَلا!
وري مينهن پوَن پيا
ڳُونجن اڄ نہ ڳَلا!

---

Gul Hayat Institute

ماڪيءَ تي مانڊا —
ڪينجهر، تنهنجي ڪنڌيءَ
چولين ۾ چانڊا!

—

منڊون منڊيشن —
ولوڙڻ جي ويرَ، چڻ
ٻنگيو پاڻ هٿن!

—

ڇڪ منجهان چاڙهو؟
ڪنهن ڄاتو آهي ڪڏهن
هاڙهو تي ڳاڙهو!

—

آهه اوهان سان ڇو نه؟
مينديءَ ناٿه ملير جي
ٻي مان لايان ڪونه.

—

پيرَ ڪان پاڻ نه پٽلِ!
سائي وڻ جي ڇانوَ ۾
گهوڙو گهوٽ نه جهلِ!

—

Gul Hayat Institute

سنڌوءَ جو پاڻي—
بيڪس، ريشم - پٽ جمن
جڻ هيءَ واياڻي!

—

وڪر ويو ڪنهن ڏاران؟
هي ڪنهن جو ڪُرلاءُ اچي ٿو
وڇڙي ڪونج قطاران؟

—

موٽ نہ ڪاڏي مات،
وري سڄ لڌو لڌهان
راهوڪيءَ تي رات!

—

اڳتي تي سوچي،
آءٌ ڏسان، ڇا لاءِ ٿو
جيوتي ٻاسوءَ ڏي؟

—

ڪنهن کي ٿڀي گهولي؟
پيئي آترَ واءُ ۾
سارَ سڙي ٻولي.

—

Gul Hayat Institute

پپر پيلا گُلَ -
ڪارڙيون ڪَپريون چانوَرَ ۾
هيٺ ۾ هُلاچا هَلَ.

—

چانڊوڪيءَ ۾ چارا -
پانهَن پانهَن ۾ اڄ به آهن
تنهنجي سنگت پسارا.

—

ساوڻ جو جادو -
اڇا تائين پُرتَ جي
ڪُرن ۾ خوشبو!

—

اوڇي اُڏن تي،
چڙهي چوڏس جو چنڊ آ،
تن جي پنن تي!

—

هيءَ ڪولهيڻ ڪهڙي؟
روهيءَ واري مينهَن جي
چانڊوڪيءَ جهڙي!

—

Gul Hayat Institute

ٽڪا ويا ٽوڙا،
ڏٺي ساري سنسار کي
لٽيءَ ۾ لوڙا.

—

ڏٺين نه لوڙها ـ
ڪٿيءَ جي آڪاس ۾
ڪٽڪر ٻه ٻوڙها!

—

ٻاڻل مانڊيندين؟
روهيڙي جا ڳلڙا
اڄ ته ٻه آڻيندين؟

—

ڇؤنرا چمڪن ٿا،
مون کي ريٽي راڱ جو
ٿيهه ٿيهه ٿمڪن ٿا.

Gul Hayat Institute

—

ڪيڏا ڏٺرن ۾،
ڇٽڙا ڇنڱڪ وچن پيا!
واريءَ ڀڙن ۾!

—

هي جو روهيڙو
اهڙو ڪوئي ڏيهه ۾
آهي ڏوهيڙو؟

—

مٿان سرهء چنڊ،
هيٺان ٿڌي ٿيئي آمڙ
اڄان پينهين چنڊ!

—

اونهارو ليڪين،
پيتارين تي پکهتيہ چتن
آس تہ پيا سيڪين!

—

منهنجا ڪيتہ ڪراڙ
جو هيي فوجي وڻن تي *
بندوقون پڪڙا؟

—

چاڙهو چاڙهن تا،
پڏيون آڪاري پيڙيون
ڪنڌيءَ آئن تا.

—

* وڻن = Van

Gul Hayat Institute

لڪن پڙاڏا،
پيرن آهن، پنڌ ۾
ڏاڏا، پڙڏاڏا!

---

ويڙهه وتڻ واسي،
هل سڄاڻ نبڙي
پرينءَ جي پاسي!

---

چين به کهڙا چين!
پيچل به ٿئي ڏيهڙا
سدا نا هي سين!

---

ڪوئي آهي ڙي؟
اڪيون پوئي ڪو هئي
موتيو ناهي ڙي!

---

پهچي ساگي پڳڙي،
ڪنهن هئي تنبو تاڻيا
اسان جي ڳڙهه لڳڙي؟

---

Gul Hayat Institute

# شنري نظم



Gul Hayat Institute

# نثري نظم



Gul Hayat Institute

توں ۽ مان اُن وقت مليا هياسين
جڏهن ڪوهه سُڪي رهيا هئا؛
۽ ترندڙ پاڻيءَ آج ۾ اڏري ٽڪجي پيا هئا؛
جڏهن ترڪڇاڻيون پار ڪري رهيون هيون
۽ تازيون ٻٽيون اڃا ڪونه سُڪيون هيون؛
جڏهن ڪوهن ۾
تارن جا ٽُڪرا نظر نه ٿي آيا،
مون توکي سڏ ڪيا ها
۽ تون مون کي ائين ملي هئينءَ
جئن سارنگا سڏونت کي ملي هئي!

Gul Hayat Institute

مون سپنو ڏٺو هو تہ تون اچي رهي آهين؛
آهو سپنو پيئائيءَ جي واين ۾ هو؛
اُنهن گلاب جي گلن ۾ هو، جي تو کان سواءِ ٽڙي اجايا ٽي لڳا؛
سڄ لٿي جو ورندڙ پيورن جي چنگن چڙن ۾ هو
جن جي لار آن ڌرتيءَ تي پئري رهي آهي.
جنهن تي انڌيارو ڇانئجي چڪو آهي؛
سپنو جو آن جي سرهہ جي واءُ ۾ آهي،
جو بسنت جي گولا ۾
وائڙو ڦري رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

ان ۾ ڪوئي شڪ نه آهي
ته اسان ڪانِ وڏيڪ
ڪوئي وڇوڙيل نه آهي—
ديوار برلن ڪنهن ڪِرڻ وانگر
گوئٽي ڪي
اڌو اڌ ڪري وڌو آهي
۽ بيٿوون ۽ باخ جا نغما
هوائن ورهائي ورتا آهن،
پر پوءِ به جرمنيءَ جا رهواسي
بجليءَ جون تارون ٽپي
هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وڃن ٿا،
۽ مان ويزا جي انتظار ۾
گهر کان ٻاهر ڪنڊ ۾ اجنبيءَ ڪي
چتائي ڏسي رهيو آهيان
۽ سوچي رهيو آهيان،
ته هو ڪو سيء آهي، ڏيءَ وارو ته نه آهي!

Gul Hayat Institute

## گيتا

(لنڊن ۾)

جيئن طوفان کان پوءِ
گهمسان ۾ سَرُ ٻُڏي ويندا آهن
ائين هُن جي شڪل صورت
منهنجي روح جي گهراين ۾ ٻُڏي وئي هئي. *
ڪيئي سال ٿيا
زندگيءَ جي انوکيءَ آزمائش ۾
ڪائي لهر
هُن کي لوڙهي آئي هئي
جوهُو ٻِيچ تي **
سڌو منهنجي آغوش ۾!
۽ هاڻي مان هن کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهيان
(زندگيءَ جو جبر مون کي ڌڪي رهيو آهي)
هيٿرو ايئرپورٽ ڏانهن، ***
۽ سوچان ٿو ته جُدائي ٻنهي کي ڪائينڊي رهندي
ٻنهي جي هڏن مِک کي
لارا ۽ زواگو وانگر. ****

---

* پهريون بند روسي شاعر پيسٽرنڪ جي هڪ نظم تان ورتل آهي.

** جوهُو بيچ = بمبئيءَ ۾ ساحل جو ڪنارو

*** هيٿرو ايئرپورٽ = لنڊن جو ايئرپورٽ.

**** لارا ۽ زواگو = پيسٽرنڪ جي ناول ڊاڪٽر زواگو جا ٻه ڪردار.

Gul Hayat Institute

ڪونجن جو وڳر
آڏاٽو
تہ ڳاهہ
ائين غشيءَ ۾ اچي ويو،
جيئن
سَر ۾ وهنجندڙ
ننگيءَ نؤُورنيءَ جي
ڪنهن تاڪُوءَ تي
اوچتو نظر پوي
۽ هوءَ
وسامي وڃي.

Gul Hayat Institute

لاڙ ۾
ڪوئي ٻارڙو
چانڊوڪيءَ جي ڦار
ڪائي رهيو آهي
ڀا واٽ سان
ڳاڙهو باجو
وڃائي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

آبد جي ڪباڙخاني ۾
اصغر گونڊويءَ جي عينڪ
۽ مولانا آزاد جي
چانهه جي ڪيتلي نظر اچي رهي آهي،
۽ مولانا چانهه پيئي
سوچي رهيو آهي
ته ’اصغر گونڊويءَ جي مجموعي ڪلام تي -
مٿاڳ ڪيئن لکان؟
ڇا، مان آها عينڪ لڳائي
اصغر گونڊويءَ وانگر
ڪائنات کي ڏسي سگهان ٿو؟‘

Gul Hayat Institute

## ڀلائي ڪي

او منهنجا مرشد!
مان ڪٿي هجان
جي ازل ۽ ابد
منهنجي دسترخوان جي ويجهو نه هجن-
ازل ۽ ابد،
جي منهنجي شاعريءَ جا به غلام آهن
۽ جي غلام گردش ۾
رستو روڪي بيٺا آهن
موت جو،
جنهن جي حملي کان
ورلي ڪو بچيو آهي.

Gul Hayat Institute

منهنجن لڙڪن ۾
چانديءَ جون تارون اڇي چڪيون آهن،
مان چاهيان ٿو
ته پنهنجو بياض پوڻي رکان
۽ اِتي ختم ڪيان
اِن افساني کي،
جنهن جي نه ابتدا آهي
نه انتها آهي
۽ ائين چپ چاپ
ڪائنات کي ڏسان
جيئن پٿائيءَ
ڪراڙ جي پِر تي ويهي
پاڻيءَ ۾ تارن جي پاڇي تي
رسالو ڦٿي ڪري،
آسمان ڏانهن ڏٺو هو.

Gul Hayat Institute

مان پنهنجي رسالي تي جهُڪيل آهيان،
موت پٺتي موٽي رهيو آهي
۽ چوڏهينءَ جو چنڊ
هن جي شڪست تي کِلي رهيو آهي
۽ درياهه ۾ پاڻيءَ جا ٻُڏبڏا
پنهنجون اکيون پٽي،
هن کي حيرت سان ڏسي رهيا آهن!

Gul Hayat Institute

هي نيلو پيلو گهاگهرو.
جنهن جي ڪور ڪيسري آهي؛
هي سنڌ نگر
۽ آن جي واڻيڏين ۾ ويلا
مون کي ڪيترا نه پيارا آهن!
مان جو دنيا گهمي موٽي آيو آهيان،
پنهنجي ماتريومي ۾ ڏانهن،
۽ آن جي پيرن وٽ
مون پنهنجي ڪوتا ڦلن جي چاپ وانگر
پيري رکي آهي؛
سوچان ٿو ته دنيا جا
سارا مهان ڪوي به ته آخر مٽي تي ويا؛
پرواهه نه آهي،
جي دنيا منهنجي آنهن سان پيٽ نه ڪري!
منهنجي امرتا ته اِنهيءَ مٽيءَ ۾ آهي
جنهن ڏانهن آءٌ موٽي آيو آهيان،
جنهن کي ايئن ڳائي
مان آن ۾ سمائڻو آهيان،
جيئن
پاڳوپيان وڪهڪوٽ کي ڳاتو هو.

Gul Hayat Institute

چا تون مون کي اجازت ڏيندين ـ
تہ مان
اندرا گانڌيءَ جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيان؟
تو کي شايد معلوم نہ آهي
تہ اڳ
مون جهانسيءَ جي راڻيءَ جي موت تي بہ رُنو هو
۽ آها تلوار ـ
جا هُن جي ڪپيل هٿ مان ڪِري پئي هئي
مون صاف ڪري ـ
پنهنجي شاعريءَ جي مياڻ ۾
سانڍي رکي آهي،
۽ ڪنهن ڪنهن وقت
اُن کي ڪم آڻيندو آهيان
تہ جيئن اُن تي ڪَٽُ نہ چڙهي وڃي!
مون ايترو ڏک ڏٺو آهي
جو منهنجي اکين ۾
ڳوڙها سُڪي ويا آهن،
پر جي اندرا گانڌيءَ جي موت تي
منهنجين اُڃايل اکين ۾
ڳوڙها پرجي اچن
تہ چا تون مون کي اجازت ڏيندين
تہ پنهنجن ڳلن ۾ پرنڊ باهہ تي
بہ چنبا وجهان ـ

Gul Hayat Institute

مون کي ياد نہ آهي تہ هن پنهنجي صدريءَ
جا بيڙا ترڙنڪڙ ۾ پاتا هيا يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن هن تلوار مياڻ
مان ڪڍي هئي، تہ هن آن کي چميو هيو يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ هن واڳھ وانگر ڇال
ڏئي گهڻا انگريز ماريا ها!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن هن کي ڦٽو هيائون
تڏهن هن جي بدن تي گهڻا گهاو هيا!
مون کي رڳو اهو ياد آهي
تہ جڏهن ٽانئيا توبري ڦاسيءَ جي رسي ۾ لڙڪي
رهيو هو
۽ مون هن جا ٽڏا پير چميا ها
تڏهن منهنجي تن بدن ۾
آزاديءَ جا لکين آڙاهہ ٻري پيا ها.

Gul Hayat Institute

هي ڪير آهي؟
ڪوئي مسافر آهي؟
ڪوئي خبطي آهي
يا مايا ڪووسڪيءَ وانگر
ڪوئي شاعر آهي،
جنهن جي تيز نگاهه
ڪنهن ماهر جراح جي تکي اوزار وانگر
تاريخ جي سيني کي
چيري رهي آهي!
هو ڪنهن ڪنهن کي
بنواس ڪاٽي
موٽندو ڏسي رهيو آهي؟
هو ڇو ٿو چاهي
ته نئين دور جو ويدوياس نه ٿئي؟
هو ڇو ٿو چاهي
ته ڪُرڪيتر واري جنگ
پيهر لڳي؟
ڇا هن به جوئا ۾ ڪائي املهه شيءِ هارائي
هئي؟
ڇا هن به جوئا ۾ ڪائي املهه شيءِ هارائي
هئي؟

Gul Hayat Institute

سبطِ حسن

دليءَ ۾ مري ويو

۽ هُن جو لاش ڪراچيءَ کڻي آيا

۽ هُن کان ڪنهن پڇيو به نه

ته ”توکي ڪٿي پُوريو وڃي؟“

Gul Hayat Institute

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن ٻنهي
رت ڏوهي ڇڏيو آهي
۽ اهو رت وڃجهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا اڇا پُشپ
من جي پوترتا وانگر ترڻي پوندا آهن.
ڇا تون اهو چاهين ٿو
ته ابوسمبل جي مندر وانگر
نانڪاڻا صاحب کي
ڌرتيءَ تان پٽي
امرتسر نيو وڃي؟
يا توکي يقين آهي
ته سنت جرنيل سنگهه مئو نه آهي
۽ دليءَ جي رستن تي
رت جا نوان تلاءُ پرجهڻا آهن.
۽ تون پاڻ سان گڏ
مون تي به ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو
ته جيئن دروازن جي ٻنهي پاسي
مان مالتيءَ جا اڇا پُشپ
ڏسي نه سگهان!

Gul Hayat Institute

ماڙي - پيئان
اڍويهه سو ستيتاليهه جو
لهندڙ سج،
وسڪيءَ جي ٽئل - گلاس وانگر
لڳي رهيو آهي.
منهنجي من ۾ ايتري نراسائي ڇانيل آهي
جو مان چاهيان ٿو،
ته ساري رات پيئان،
جئن ڪيپ جي ڇولين ۾
منهنجو اٿاهه دک
ٻڏي وڃي.
مان ٽپو ڏئي
ٽرام تي چڙهي ويهان ٿو
۽ وڃان ٿو نيپئررو ڊ ڏانهن
ٺرڙي جي بوتل وٺڻ لاءِ؛
ٽرام
رستي تان
ڪيئي مزدور
۽ ڪيئي خلاصي
کنيا آهن
جي موٽي رهيا ها
ڪياماڙيءَ تان.
شايد آهي به وڃي رهيا آهن
ٺرڙي لاءِ،
پنهنجو ٿڪ مٽائڻ لاءِ.
ٽرام ۾
ڪيڏي نه پيهه آهي!

Gul Hayat Institute

منهنجا ڪلها گسي رهيا آهن
مزدورن سان،
۽ خلاصين سان؛
انهن جي ماٺ ۾
ڪيڏي نه سگهه آهي!
انهن ۾
ڪائي نراسائي نه آهي،
۽ آهي ٻئي ڏينهن ڪان،
مون وانگر
هراسيل نه آهن.
شام جو ڪراچي
ايئن وڃي رهي آهي
جيئن ڇوڙ وٽ سنڌو وهندي آهي؛
۽ ڪڏهن
منهنجي من ۾
ڪويل وانگر
ڪوڪي ڪوڪيندي
ساڻو ٿي پيو آهي.

Gul Hayat Institute

٦

منهنجي ديس جا
چين نواز اشتراڪي سوچڻ ٿا
تہ ڇا مائو ڏينهن ۾ مري، چڪو آهي؟
ڊينگ آمريڪا جا جوتا چٽي رهيو آهي
پر اهڙا هو، اهو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن
تہ مائو مري چڪو آهي!
هو اهو نٿا سمجهن،
تہ ڪنهن بہ پيغام کي بہ ابديت نہ آهي،
تہ جو پيغام صليب تي چاڙهيو نہ ويندو آهي
پنهنجي موت مري ويندو آهي،
تہ پيغام بہ فاني آهن
انسانن وانگر.
اي ڪنفيوشس!
تو ڪڏهن ڇو ڪَتڙا ڪيا آهن،
ڇا تون مون کي ٻڌي رهيو آهين؟

Gul Hayat Institute

جيئن ڪنجين جا
ڀرپور گوشا
لڙڪندا آهن،
ائين
قاسيءَ جا ڦندا ٽڙي پيا آهن
۽ انهن ۾
ڪنڌ لڙڪي رهيا آهن.
اي آزاديءَ جي رُت!
تون اچي وئي آهين
تون اچي وئي آهين!

Gul Hayat Institute

اڪويھين صدي شروع ٿي چڪي آھي.
اڌ رات جو
سماسٽا ڪان اينڊرز ڳاڏي
سکر جي پُل تان لنگهي رهي آهي
۽ اُن جي بتين جي روشني
پاڻيءَ ۾ پهچي رهي آهي
پُر اسرار
دل آويز
محبت جي وارفتگيءَ وانگر
خواجہ فريد جي ڪافيءَ وانگر.

Gul Hayat Institute

ٻڌين ٿو؟
شيون ڳالهائين ٿيون!
هي دنبورو آهي، جو ڀٽائي وڄائيندو هيو
۽ اُن جي تارن مان
رابيل جا گُل ڇڻي پوندا ها،
جن جي هٻڪار ۾
سڀ ويڙهجي ويندا ها.
هي ڪبير جو چرخو آهي
جنهن جي تاڄي پيٽي ۾
ساري ديس جو من
اُڻجي، هڪ ٿي ويو هو.
هيءَ اها رسي آهي
جنهن ۾ نانا صاحب کي لٽڪايو ويو هو
۽ جا اڃان تائين هوا ۾ لٽڪي رهي آهي
۽ نه ڄاڻان
ڪنهن ڪنهن سِرَ جي منتظر آهي!
تون جو
منهنجي شاعريءَ کي سمجهڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو آهين،
ٻڌين ٿو؟
تاريخ جي عجائب گهر ۾
شيون ڳالهائن ٿيون.

Gul Hayat Institute

سيڪريٽريٽ ۾
هو فائيل بند ڪري،
فيض جو شعر جهونگاري رهيو آهي —
پيو ڪہ مفت لگادی ہے خونِ دلِ ڪوہ ڪشيد
گران ہے اب ڪے مے لالہ فام ڪہتے ہيں۔
فيض تہ پنهنجا شعر محنت ڪش عوام لاءِ لکيا ها؟
هي جو رت پياڪ طبقو آهي
جنهن جي واڇن مان
محنت ڪش عوام جو خون ٽپڪي رهيو آهي،
فيض کي ڇو ڳائي رهيو آهي؟
فيض تہ پنهنجي زندگي ڏئي
اها شاعري ورتي هئي،
جيتوڻيڪ هو بہ انهيءَ محنت ڪش وانگر هيو
جنهن کان پنهنجي محنت جو ڦل کسيو ويو آهي،
جنهن جو خون
انهيءَ رت پياڪ طبقي جي واڇن مان
ٽپڪي رهيو آهي
۽ جنهن جيءَ تقدير تي
سيڪريٽريٽ ۾
اهو فائيل بوتيو ويو آهي۔

Gul Hayat Institute

منهنجون نظرون
هڪ سرويئر وانگر
تنهنجي قبر ڪڇي رهيون آهن
قبر، جا ڪراچيءَ کان ڪارومنڊل تائين آهي،
۽ جنهن تي انبارَ ڪتبن جا نڪتا آهن.
نه ڄاڻان تنهنجي روح ۾ ڇا هيو
جنهن مان ايترا ڪتبا نڪتا آهن!
نه ڄاڻان توکي ڇو نه ملي سگهيو
اهو جيئڻ
جو ڪنهن سؤنف جي ڪيت مان گذرڻ وانگر
لڳندو آهي.

Gul Hayat Institute

هي ڪهڙو بسنت آهي؟
پنن تي ماڪ موهيڙن وانگر لڳي رهي آهي!
پکين جا پـر
هڪبئي کي
ڪئنچين وانگر ڪـٽـي رهيا آهن؛
اورنگزيب اڃا تخت تي آهي
۽ دارا جو روح
پنهنجيءَ مزار ۾
پنهنجيءَ شهادت تي
افسوس ڪري رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

چيني سيلاني
شيوسانگ،
ڪوئيشيور جي بندر تي لٿو آهي؛
پوپاڙيءَ جو سج
سمنڊ تي
ڪنهن غدار جي چمڪيءَ وانگر لڳي رهيو آهي؛
شيوسانگ مون کان پڇي ٿو
”ڇا هن ديس جو نالو سنڌ آهي؟“
مان وراڻيان ٿو: ”هائو، هن ديس جو نالو سنڌ آهي“
هو وري پڇي ٿو ”ڇا اِن جي پيرين ۾
سونا پير ٿيندا آهن؟“
”هائو اِن جي پيرين ۾ سونا پير ٿيندا
آهن“ مان جواب ڏيان ٿو، ”پر ريهارين
جا ڳل اُنهن کان وڌيڪ سونا هوندا آهن ۽ ٿر جي
ريتيءَ تي سج جا سونا شعاع به“
شيوسانگ وري مون کان پڇي ٿو: ”مون ٻڌو
آهي ته هتي پٽ پٽيهر ڏاڍو عمدو ٿيندو
آهي؟“
”هائو“ مان جواب ۾ ڪنڌ ڌوڻيان ٿو. ”هائو
سومراسرَ تي جڏهن سومريون پاڻي ڀري پٽ
تي ويهنديون آهن، تڏهن ايئن لڳندو آهي ته پٽ جا
تاڪيا اُڪلي پيا آهن“
ڪجهه سوچي وري هو پڇي ٿو ”مون ٻڌو آهي
ته هتي گيت ڳائيندا آهن جن کي ’جهڪڙيون‘

Gul Hayat Institute

چيو ويندو آهي. ماڻ اُنهن ۾ جڪڙجي ته نه
ويندس؟ مون کي پنهنجي ديس مونتي وچڙو
آهي"
"هائو تون اُنهن ۾ جڪڙجي وينديءَ"
ماڻ هن کي چوان ٿو، "۽ جي تون اُنهن ماڻ
پاڻ ڇڏائي به وئين تڏهن به ساري عمر
تنهنجو من اُنهن ۾ جڪڙيل رهندو"
شيوسانگ ڪوتيشور جي بندر تي وچي رهيو آهي
۽ سامهون سمنڊ تي
پوپاڙيءَ جو سچ
ڪنهن غدار جي چميءَ وانگر لڳي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

”هن ديس ۾ هڪڙو پن به اهڙو نه آهي
جنهن کي آءُ نه ڏنو چورياں“
(چليءَ جو صدر آگسٽو پنوچي)

پنوچي!
آلنديءَ جي دل به هڪ پن آهي
جو ٽچڙي پري رهيو آهي
تنهنجي بندش جي باوجود
۽ توڻ
اُن پن جي چرپر
گولين سان بند نه ڪري سگهيو آهين،
۽ جيڪو ان طوفان جي انتظار ۾ آهي
جنهن ۾ ڪروڙين پن
ڌاڙيون وڃائي،
اُن انقلاب جي آجيان ڪندا
جنهن جو انتظار
هو اَڄ
خاموشيءَ سان ڪري رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

موڻ ليار جي وڻ کي چيو:
”موڻ کي ٻُک لڳي آهي
”تو ۾ ڳاڙها ڦـّل ڪڏهن ايندا؟“
۽ پوءِ شام تي وئي
۽ شفق جي ڳاڙهاڻ ۾
ليار جو وڻ ڪجهه سوچيندو رهيو.

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

ڪوڏ ڪِئن ڪناري تي
سمنڊ ڪي سمايو آ؟

شور تو ڪڏهن آن ۾
هانو سان هنڊايو آ؟

اِئين ڪٿ آهن جي،
هِن سماءَ ساري کي
پاڻ ۾ سمائن تا
ڪوڏ جئن ڪناري تي!

چپ چپ آهن پر
نيٺ هانءُ پرجهي تو،
نيٺ سپ مان آپري
سمنڊ جيئن گرجي تو؛

بس اِها تمنا آ،
ڪوڏ جئن اگر چاهيان،
شاعري ۾ پنهنجي
سمنڊ ڪيئن ڦهلايان؟

Gul Hayat Institute

علي الصباح کہ مردان بہ کار کار روند
بلاکشانِ محبّت بہ کوئے یار روند
(هڪ پارسي شعر)

ٻاڪ ڦٽيءَ جو شعر لهن تا
مون تي سڄڻ ـ اُهاءُ ڪري؛

رتّ اُٻڙڪا ڪائي ٿو ايئن
ڏينهن تتو جيئن تاءُ ڪري!

سارو وقت تہ رهندو ناهين،
ويندو آنهہ سماءُ ڪري!

ڪيسين ڪوڙ ڪلالن جي ۾
منهنجي ذات هڱاءُ ڪري؟

آءُ تہ آدرياءُ ڪري ڪو،
تنهنجو آدرياءُ ڪري!

Gul Hayat Institute

اڄــا اُڄهاٽــل ڏيٺو نــاهيان،
تــون جــو اڇٺو آهيــن، آهٗ!

تنهنجي ڪــارڻ ليئــا پــاتــا
ساري رات جڳلي مون در تي؛
ڪيڏو ڪــارو انــڌيــارو آ
ڀنڀرڪـي تــائين سانڀــر تــي!

چاڻ ڀــرهــم جــا ڀنڇي اُڏريا!
تــوڙي ڀــوئيــن آهــي ويــرا،
منهنجي جوت اڃا ٻر ٻري ٿي
اڃا تڪيان تــو تنهنجا ڀيرا.

اڃــا ٻر ســاڳيو ليٺو آهيان
اڇٺو آهيــن جــي تــون، آهٗ!

Gul Hayat Institute

تون جو چڙهي ڪنهن وقت ڏسين ٿي
جهرڪَ جي جهالر مان،

منهنجي ويڙهي جي آڱر ۾
املتاس جي وڻ تي جهڙو
پُورو چندرمان!

آءُ ڇهان ٿو ٿنهنجو مکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
سَمَئه نه آندو آ!

ڦلُول-جيان آ ساڳيو مُکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
سمئه نه آندو آ!

Gul Hayat Institute

پيار ته مون سَتُوءَ پيرا ڪيو آ
پوءِ به ڇڙَ هڪ ڀيرو ڪيو آ:
منُ اُجرو آهي اڄ تائين
ڪنهن ڇڻجي تن ميرو ڪيو آ!
ڪيڏي سالن کان ڪنهن پنڇي
مون ۾ ڇڄ آکيرو ڪيو آ!

ڪنهن گوڪل جي مَدوونتيءَ اجهي *
سار سهاري گذريو جيون،
اندرڌنش جِئن جنهن جو مکڙو *
تنهن کي ساري گذريو جيون،
سو مکڙو آ اڄ به هتي ۾،
پيو سڀ واري گذريو جيون.

---

* مدوونتي = ماکيءَ جهڙي.
* اندرڌنش = انڊلٺ

## لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ٻاهران

رات جو سڄو صحرا
دور دور رستي تي
پيرَ تا وچن تنهنجا؛
ڪيترو پري ويندين؟
آءٌ هي نه چاهان ٿو:

دل پئي چيو ”توکي
”اِن طرح سمايان آءٌ،
”دل اندر ڇپايان آءٌ،
”دور ٿيءُ نه تون مون کان“

تون مگر رُسي جانان
اُن وچي رهي آهين،
چنڊُ جيئن بادل کان
دور دور ويندو آ.

آءٌ تو تڏهن سوچان،
”اج جدا ٿيون تون مان
”سو گهڻو چڱو آهي
”موت جي جدائيءَ کان،
”جا ڪڏهن ته اچڻي آ.“

Gul Hayat Institute

شاعري طبيعت تي
ايترو ته ڇانئي آ،

هيءَ اُيام ڇولين جي
ڇڻ ته ٻوڏ آئي آ!

ڪيترو اَلُوٽ آهيان
پوءِ به مان اَڻوٽ آهيان،

مٿين ۾ رَتا ڪيئي
شعر ليڙڪڙائن ٿا.

پوءِ به آتّ آنيوءَ سان
ڪينرو وڇائن ٿا؛

جيءَ ۾ جهمر آهي
يار سَتوَ ڪَتا آهن

وارَ هينَ حياتيءَ جا
سات جِن سَتا آهن؛

چوءِ طرف زماني جا
ڏاڍ ۽ ڏمر آهن.

پوءِ بہ گيت ٻرسن ٿا
آيّ ۾ ڇمر آهن؛

ڪير شعر ٿو جوڙي؟
بَندَ ڪير ٿو ٽوڙي؟

هيءَ ايامَ ڇولين جي،
هيءَ اڏامَ ڇولين جي،
اگ ڪڏهن نه آئي آ؛
ڪيتري سُهائي آ!

Gul Hayat Institute

چنڊ رات اي ساٿي
ڏس ته ڪيئي روهيڙا
چڙهي لڳن پيا ترهه،
ڏهر ڏهر ڏوهيڙا.

سانت آهي وڻ وڻ جو
پيو پيول آ آهڙو
آ و شال واري ء تي
چنڊ چيٽ جو جهڙو.

Gul Hayat Institute

آڏيءَ جي خاموش نگر ۾ تون جو ايندڙي آهين
منهنجين آڱرين تي پنهنجا وار وڇائيندڙي آهين،
۽ پنهنجي پهلوءَ ۾ آٿي مون کي چوندي آهين:
”مون کان دور رهي تون ايڏو ڇو ٿو مون کي چاهين؟
”ڪيڏو دور رهان ٿي توکان ٻيءَ ڪنهن دنيا ۾،
”مان جي هاڻي ايندس تو وٽ رهندس مان ڇا ۾؟
”منهنجو جنم جنم جو توسان ساٿ ته رهڻو آهي
”توڙي آهي ٻـرتان ٻرتان ساٿ ته رهڻو آهي،
”نيٺ ته توسان ملڻو آهي مون لئه جاءِ ڇڏي ڏي
”پنهنجيءَ دنيا ۾ تون مون کي تيسين هاءِ ڇڏي ڏي!“

Gul Hayat Institute

دور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هُو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري، ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻَرن ٿا
ڏاڍو ڏُور ڏياٽيون آهن
جي وسمَيءِ مان مَنش ڏسن ٿا.

وشوُ جيئن ڪو مندر آهي
ڇا ان ۾ ڪوئي دَر آهي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
اِن ڪان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هُون ۽ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!

Gul Hayat Institute

---

وسمئہ = حيرت
مَنش = انسان
وشوُ = ڪائنات
وشال = ويڪرو، وسيع

منهنجا گيت کڻهن اي ڌرتي!
ڇٿي، توکان کو مٺهه گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اهي ائن لڳندا
انڊمانَ جي ڇانڊوڪيءَ ۾
ڄڻ کي هڏڙا پکڙيل آهن-

هڏڙا کنهن کان ڇا ٿا چاهن
ڇا کوئي سوچي ٿو!
ڇا کوئي سوچي ٿو!

---

انڊمان = ٻيٽ، جنهن تي انگريزُ باغين کي سزا طور موڪليندا هئا.

Gul Hayat Institute

ڪجهه به نه ٿو اچ پاسي مٿي ڏکي
سانت سمنڊ جيئڏي آهي
جنهن ۾ آءٌ سمايل آهيان،

آسمان جي، نيري ڪُنَ ۾
ٽيروٽيءَ جي ٽيٽڻ ونگهر
گهُوريان ٿو، گهيرايل آهيان.

ڪيڏي سانت وڇايل آهي
جهرمر ڇهرمر تارن پٽ تان
جن جي حدّ حسابُ نه آهي!

ڪنهن پينوءَ جي پانڌَ جيان ڇڻ
هي سارو ڪجهه پالهو آهي؛
ڇا، هي سڀ ڪجهه خواب نه آهي؟

Gul Hayat Institute

چانڊوڻي راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان،
چڙ ته تون هئين،

يا سگندن ۾ پريل ڪنهن واءُ جي جهوٽي جيان،
چڙ ته تون هئين،

ڪيرتر تان گڏ ڪو ننڍن گاج تي جيئين جهڪي،
ته مان هيس،

رڻ ۾ ڪوئي هرڻ پاڻي ڏسي ڏاڍو ڊڪي،
ته مان هيس،

تون ملين ۽ مون کي ته سارو جڳ مليو، پيو ڇا کپي!
منهنجي سڪ ي!

ماڳ ڏاڍو آ پري، جي ڏڳ مليو پيو ڇا کپي!
منهنجي سڪ ي!

Gul Hayat Institute

سارو عرش منوّر آهي
چنڊ گليءَ ۾ چمڪي ٿو،

دور پٽائيءَ جي بستيءَ ۾
سَچَلُ پنهنجي سرمستيءَ ۾
بيٺو مون کي تاڙي ٿو؛

چنڊ گليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منوّر آهي.
ڇا هي منهنجو ئي گهر آهي؟
ڇا هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو؛

چئي، ”هي شعر آڌورو آهي
”ويٺي ڪالهه، لکيائين ٿي جو
”جهونگاري سوچيائين ٿي جو،
”پانيان ٿو اڻپورو آهي.“

پرسان ڪوئي سوچي ٿو،
”بس، هي هاڻي اڇو ناهي
”پُورُ پتڻ جو پويون آهي
”ڪٿي وڃي ٿي ناوَ نه ڄاڻان
”دور ڪنارا مان نه سڃاڻان.“

آءٌ اُنهن جي سوچ پڙان ٿو
موٽي تن کي آءٌ چوان ٿو

”توڙي ڏور اُسهڻو آهيان
آءٌ اوهان ۾ رهڻو آهيان“

پر هُو مون کي ڪونہ ٻڌن ٿا
لُڙڪ اگهن ٿا، پوءِ چون ٿا

”هن جا گيت تہ سپنا آهن
”پر هي سُپنا سچا آهن
”آزاديءَ جي وِڪٽ وِڪٽ تي
”هن جا پيرا چِٽا آهن،
”هن جا گيت نہ مرڻا آهن
”گونجَ نہ اڳتي تن جي گهٽبي
”گيت تہ ناهن جهڙا آهن،
”امر گيت جي بارش وانگر
”ٿر بر ور ور وڙا آهن؛
”نيٺ ڦلن رتہ اُڇي آهي
”هن جا پاڳ سنورڻا آهن،
”هن جا گيت نہ مرڻا آهن.“

پوءِ ڪو مون کي ڳائي ٿو
چنڊُ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منور آهي.

Gul Hayat Institute

”مرزا رسوا“ وانگر شاعر
فرش نشين آ،
جام و صراحيءَ جي گردش ۾
عرش ٻرين آ؛
چيما چيما چيم جيئڻ - جادو،
دور ستارا
’امراءُ جان آدا‘ جا گهنگرو-
آسمان جي ڪونئي تي چڙهي
ڪوئي غزل سرا آ!
غزل ٻه اهڙو جنهن جو ڪوئي
مطلع ڪونهي
مقطع ڪونهي۔

Gul Hayat Institute

## باس

مورتيون ڪجھ آھن منھنجي،
جيون جي پيچواڙي ۾
جن جا سالم سنڌ نہ آھن،
جن کي ڪلھن تي ڪنڌ نہ آھن!

ھي جي ٻہ ٽي آڳنڌ ۾ آھن،
يا جي مون ڏي پنڌ ۾ آھن،
تن کان آءٌ لڪايان ٿو چو؟
جيون جي پيچواڙي کي
پنھنجي پريت جي ڏاڙي ڪي.

Gul Hayat Institute

ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي
تنھائيءَ ۾!
تون جو جيئڻ جو جس آھين
ڪھڙو ٿو تون ڪس آھين!
جيئڻ مرڻ جي ھر ناتي کي
معنيٰ ڏين ٿو
ڏک سک ۾ سڏ وڙاڻي
چاھ چا ڏين ٿو!
ھر ساپيا کي سپنا ڏيس ٿو
ھر سپني کي ساپيا ڏين ٿو
مون کي ڌرتيءَ سان واڳي تون
تارن تي ڪنھن وقت سڏين ٿو
جھونجھڪڙي ۾ ماڪ پوي تي
تون مھڪين ٿو
باک ڦٽيءَ جو ڀرن ڀرن پنڇي
ڏي ڇھڪين ٿو
ڳاھ متان جئن واءُ لڳي ٿو
تون لھڪين ٿو
روز نوان سر تون آڇين ٿو
مون ۾ آڳ جيان دھڪين ٿو
مون سان ڪنوءَ ڪلالن جي ۾
تون ٻھڪين ٿو
منھنجي ڪوتا تيسن تو
توڙي عمر سڄي مان ڳايان
مان تنھنجو احسان چڪايان

Gul Hayat Institute

ممڪن ناهي؛
پر هي چاهي!
تنهنجو نانءُ وٺن ٿا ماڻهو،
توکان وڌيڪ وڇان ٿو آئون
توکي ڪونه ميڃان ٿو آئون،
توکي مٽيءَ جي ماڌوءَ جئن
بيهي روز پوڄان ٿو آئون!
تون ماڻهوءَ جي منهن تي ڇو اِئن
نانگ جيان لهرائين بيٺو؟
ڇو تون مون کي ڪائين بيٺو؟
تون جو سارو سپنو آهين
ساپيا جي اکرن تي مون کي
نيت نئون ٿرڪائين بيٺو!
ڇا مان ڪو ديوانو آهيان
ڇو مون کي پسرائين بيٺو؟
يا.... مون کي ڪجهه ڏي ته نه پيو آ،
منهنجو من ٿڙڪي ته نه پيو آ؟

Gul Hayat Institute

هيءُ نندُ به امرت وانگر آ!
اڌ رات، وڇوڙيل وهه جهڙا
پل پهر نه آهن پيالن ۾،
اڄ منهنجا نيڻ اُجالن ۾
هن ڌرتيءَ جي اونداهڻ مان
واجهائن ٿا،
۽ توکي ويجهو پائن ٿا؛
هيءَ ڌرتي ڪيڏي ڪاري آ!
اونداهي آ!
۽ تنهنجن منهنجن هردن جي
ٻولن تي ڪيڏو ڀاري آ!
هن ڌرتيءَ تي
توکي مون ڪٿي ڪيڏو ناهي
ڏينهن ڏٺي جو ملڻو ناهي؛
لنگهه لڪن ۾ سوڙها آهن،
ڳوڙها آهن
ماڪ ڦڙن ۾ باک ڦٽيءَ جا
تن سان تون منهن ڌوئين ڇو ٿي؟
روئين ڇو ٿي؟
دور سهي، پر ويجهو آهين
منهنجي سپنن ۾ تون سرڏي!
هيءَ ڪاري، اونداهي ڌرتي
سپنن جي بي انت نگر تي
اُن جو ڪوئي وَس نه آهي،
آءُ، ستارن تان سپنن ۾
آءُ، هلي آ.—

شهر سيلاب ۾
دور لڙهندو ويو ٿي جڏهن خواب ۾
ڪشتيءَ نوح جيئن-
تو ڏٺو چؤطرف ڀرات ڪنهن روح جئن.
سوچيو مون تڏهن
(تو منهنجو ڏسي لڙڪ لاڙيا جڏهن)
بمبئيءَ ڇو وڃين؟
تون ڪراچي هئين، تون ڪراچي هئين!

Gul Hayat Institute

## امير خسروءَ جي مزار تي

مون لاءِ اڄان
ديوار رڳو آئينو آ؛
تو اڄ ”“ بہ اُن ہِ چنڊ ڏسان
جو اُپري آيو آهہ مٿان
خِسروءَ جي دَرخشان مرقد تي—
۽ ’گيتا‘ ڪيڏي پيار منجهان
هڪ شمع جلائي آ تو مان
جا روشنيون ڦهلائي ٿي
خُسروءَ تي نور وسائي ٿي.
ديوار رڳو آئينو آ
جنهن مستقبل جي ڏيک ڏني
مان سوچان ٿو ڪجهہ دور ڏسي
جي منهنجي شمع وسامي ٿي،
هي چنڊ سدائين رهندو آ
خسروءَ جي مرقد تي؛
هي چنڊ نہ بيٺو آهہ ڪٿي
کهڙيءَ پي سرحد تي.

Gul Hayat Institute

# آڳڪٽي

ڏسان تو ڇا ڇا؟
ڇڻ اُڏري شاهين جا
پون تا پاڇا!

ڏسان تو ڇا ڇا؟
اُتر ڪان ايندا ڪَنڌهن
نُقرا گهوڙا ڇا؟

ڏسان تو ڇا ڇا؟
تو ٽي رتيي باڪ ڪا
اُپري ٽي ڪاڇا-

ڏسان تو ڇا ڇا؟
هو جي منهنجا سپرين
وري ايندا ڇا؟

Gul Hayat Institute

لوهي دروازي تي تالو
ڇا اُن کُلڻو ناهي؟
جهيلر ايئن ته نه مڃڻو آهي!
هي تالو جو آهي نرالو،
ڇو جهيلر جي ڪوهر وانگر
سڀ ڪنهن کي ڳجهي پڇڻو آهي.
هر جهيلي ڇو روز پڇي ٿو
ڇو هي دروازي تي تالو
اڄان لڳو پيو آهي؟
اڄان لڳو پيو آهي؟

Gul Hayat Institute

## فلسطين جو گيت

جلاوطن يارو
اوهان ٻنهن کي نائيهه اوهان جو نيتارو!
سچ، سدائين آيو آهي اوپارو
غلط اٿو، چارو
وڃو نه لهوارو!
جلاوطن يارو!
جيت نه آ ڏارو
هار سدائين ڪوڙ جي آهي
سوڀ سدائين سچ جي آهي.
ڪوڙ جي منهن ۾ توڙ وجهو اڄ
سچ جو ٻالا ٻول ڪيو اڄ
ها! اهڙو ماحول ڪيو اڄ
جو آيري نعرو:
"پنهنجو ديس اسان کي ھاڻي
"پيهر حاصل ڪرڻو آهي
"پنهنجن بندوقن کي تاڻي
"هر دشمن کي موت آماڻي،
"پنهنجو ديس اسان کي هاڻي
"پيهر حاصل ڪرڻو آهي." —

Gul Hayat Institute

نعرو ڪو هٿيار نہ آهي
پوءِ بہ اُن سان ڪائي ٿُنهنجي
دل کي چڙ تسڪين ملي ٿي.
زندان جون ديوارون تو لئہ
روز اڳي کان اوچيون، ليڪن
نعري لئہ ديوار نہ آهي:
روز ٽپي ديوار وڃي ٿو
چڙ تہ پراهين پار وڃي ٿو:
ها، پر هاڻي تنهنجا نعرا
تو کان پهريدار کسين ٿا
تو کي گونگو ڪري ڏسين ٿا-

سپاهي هاڻي ائين سوچين ٿا:
”نعري سان ڇا ملڻو آهي؟
”نعرو ڪائي گولي ناهي،
”ها دشمن تي وار نہ آهي،
”نعرو پر هٿيار نہ آهي
”اُن جي چيڙائي تي اڄ ڪوئي
”آزاديءَ جو پار نہ آهي“

ساري ديس چڙي سڀ نعرا
چُپ، چپن تي لاڙي آهي
اندر جهاڙي پاڙي آهي. —

هي سنڌوءَ جي چڙ ۾ تنهنجو
لاش پيو آ —
عطر عنبير جي اُن ۾ ڪائي
اڄ بہ خوشبو آهي،
تنهنجي موت حياتيءَ ۾ جڻ
ساڳيو جادو آهي!
باقي تنهنجي ساري سٽنا
اُڏري وئي آ
جڻ پڃري مان ڪائي مئنا
اُڏري وئي آ!
آءُ پڇان ٿو هڏي ٽوڪان، ”ڇا
”اڄ بہ تنهنجا نيڻ ڏسن ٿا
”تلوارن جا تيج هوا ۾؟
”پيهر رت جا ريج هوا ۾؟
”هرنڌڙ ڪائي هيج هوا ۾؟
”يا تون منهنجي نظم لکڻ لئہ
”ماريو ويو هئين؟“

Gul Hayat Institute

هي جو انڌياري ڌرتيءَ تي راڄُ ڪري ٿو
ماڻهو نِنڊا ڪن ٿا ۽ جنهن وقت مري ٿو،
سڄُ اڀري ٿو هُنَ جا سڀُ ڪرتوتُ ڏسن ٿا
هُنَ جي پُر پُر مٽيءَ ۾ سڙو پيوَتُ ڏسن ٿا،
۽ هو پاڻُ مٽيءَ سان مٽي ٿيو ويو آهي
ڪِهِن ڇنجي ڪنهن وقت هتي هو جيئي ويو آهي!
جيڪو هُنَ ڪالهه پوءِ اچي آسمان ڇهڪي ٿو
ڪونه لهي ٿو، ڪُرسيءَ تي جتي پيرُ رکي ٿو
اِنَ سمجهي ٿو "خال ته مون ڪي مرڻو ناهي
"ڦهڪو ڪاٺي ڊِپ" مٽيءَ جو پُرڻو ناهي،
"مون ڪان اَڳ ۾ جي آيا تن وانگر مون کي
"مرڻو ناهي، مرڻو ناهي، مرڻو ناهي!"

Gul Hayat Institute

آزاديءَ لئه روز مرن ٿا
ماڻهوڙا.
ايشيا يا آفريڪا آهي
لاطيني آمريڪا آهي،
مرندي تائين ڪونه ڊرن ٿا،
ماڻهوڙا.
آخر هي آزاد ته ٿيندا
پر ڇا هي جلاد نه ٿيندا؟
ڪنڌ آڏيءَ تي روز ڌرن ٿا،
ماڻهوڙا.
ڪلهه جن آزادي ٿي چاهي
تن تا بڻي ڪنهن لئه ڦاهي
فاتح ٿي جنهن وقت ورن ٿا
ماڻهوڙا.
واه! آهائي ڪار ڪرن ٿا
ماڻهوڙا
جنهن مان جند ڇڏائڻ خاطر
روز مرن ٿا
ماڻهوڙا!
ويريءَ جا جنهن وقت آڏيءَ تي
ڪنڌ ڌرن ٿا
ماڻهوڙا.

Gul Hayat Institute

واءُ آهائي ڪارِ ڪڙن ٿيا
ماڙهوڙا!
ماڙهوڙا
او ماڙهوڙا،
او ماڙهوڙا!!

Gul Hayat Institute

راج - ڀاڄڻ ڪوئي ناهي هرڪو پاڻ وڏو آ،
پر جنهن کي بندوق نه آهي سو ڄڻ مڙس ڄڏو آ.

هائو، هيءَ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

بادل آيا، ڪيڏي اَڻ تڻ آهي تارن ۾!
مور اُڏاڻا، گونجي ٿي بندوق ڀڃارن ۾.

ڪالهه ڪتيا جي رس تي جهڙي چارڻ ايندا ها
روز لڙيءَ ۾ ڪوئي بارڻ بارڻ ايندا ها،

هاڻي هن بندوق جي ترڙ ترڙ اهڙي واڻي آ،
هرڪو چائي ٿو ته اُنهيءَ جي آمر ڪهاڙي آ.

هائو، هيءَ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

Gul Hayat Institute

”جو چوين ٿو
سا حقيقت آهي، شاعر،
پر اهو ممڪن نه آهي“

مان پڇان ٿو،
”ڪوڙ ڇو ممڪن لڳي ٿو؟

”سچ“ ڇو ممڪن نه آهي!
”جهڙ“ اندر جو سج“ آهي
”ٿورڙو روشن لڳي ٿو
”ڇو بنهه روشن نه آهي!

”سچ“ آخر سچ“ آهي؟
”ڪوڙ“ آخر ڪوڙ“ آهي!
”ڪيستائين ڪوڙ مڃندو
”سچ“ ۾ جو مچ“ آهي؟

”جي پتنگ آهين ته پيارا
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!
”جو بنهه مڃندو سڀان، تنهن
”مچ“ تي قربان ٿي وڃ!“

Gul Hayat Institute

موت مسئلو ناهي
مسئلو حياتي آ،
پُرسڪون ڪيڏي آ
دُور جا مماتي آ!

ڪيترا نه ڏولاوا
مون هتي ڏِٺا آهن،
زندگيءَ جا لمحا
پوءِ پِي مِٺيا آهن.

ڪنهن به ڪونه ڄاتو آ
نيٺ انت ڇا آهي،
اختتام کانءِ اڳتي
ڪابه ابتدا آهي!

خون ٻها حياتيءَ جو
مون اڃان نه پاتو آ
ڪيترو، ڪڏهن ملندو؟
هي به ڪونه ڄاتو آ.

مون ڪڏهن ڇنيي گل ڪي
پيتيو نه آ خود سان؛
جا سڳنڌ آ مون ۾
ڏار نانهه تاريءَ کان.

سنڌ کان سوا منهنجي
شاعري اڃائي آ،
ڪائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

Gul Hayat Institute

هـــيُ شاعـــر جـــي لهرائن تا
هي جيڪي آداب عرض ڪن،
جن ڪي ڪوبہ ضمير نہ آهي-

سـچ چوڻ کـان ڪيٻائن تا
ڏاڍ ڏمـر کــان گهٻرائن تا،
بي ڏڙديءَ کان داد گهـُرن تا
بي شرميءَ سان شرمائن تــا،
ڪوڙ ڪوڙ تي جنن ڪي ڪتا
جن جيءَ چپـلهہ پـچي پوندي آ،
ڪنهن جي اوبر ڏانهن نهاري
رڙهندا آهـن پيٽ سهاري،
هي بہ انهين ٺـي واجهائن تا
پنهنجي جهولــي ڦهلائن تا-

هـي شاعــر جـي ڪانئر آهن
جن پوليءَ جي سـگهہ وڪـي آ
جن ڪي ڪوبہ ضمير نہ آهي.

Gul Hayat Institute

پنهنجي جيئري يارو
انقلاب اچڻو آ؛

ڪا تہ جنگ ٿيڻي آ
ڪوڙ جي نقيبن سان؛
جنهن وري گذرڻي آ
عمر تن عجيبن سان،

زندگي سڄي پنهنجي
جن ڪٽڻي ۾ ڪاٽي آ،
جي سدا امر آهن
تن گهٽڻي ۾ ڪاٽي آ.

چپ چاپ رهن ڪيسين
خامشي عذاب آهي؛
موت کان بہ بدتر آ
زندگي عذاب آهي،

ان عذاب جو هاڻي
ڪو حساب اچڻو آ؛
پنهنجي جيئري يارو
انقلاب اچڻو آ.

Gul Hayat Institute

پنهنجي ناهه پرائي آهي
پوءِ ڀي ته ڪنهن جي ڄائي آهي!

هيءَ جا تنهنجي ڌيءَ نه آهي،
هيءَ جا تنهنجي ماءُ نه آهي،
ڪنهن جي ڌيءَ ته آهي
ڪنهن جي ماءُ ته آهي!

اِن ۾ ڪائي ممتا آهي
تنهنجي ماءُ جيان؛
اِن ۾ ڪائي مچتا آهي
تنهنجي ڌيءَ جيان.

آدرياءُ ڪرين شل اِن جو
پنهنجي ماءُ ڏسي،
اَن جي سِر تي هٿ ڌرين شل
پنهنجي ڌيءَ ڏسي!

هيءَ جا توسان پيار ونڊي ٿي
ڪنڌ ڪلهي تي لاڙي پنهنجو
هيءَ جا توتي گهاٽ رکي ٿي،

اهڙو ڪُي انسان ته آهي —
رَتُ ماس جو ساڳو پتلو،

جهڙي تنهنجي ماءُ هجي،
جهڙي تنهنجي ڌيءَ هجي! —

Gul Hayat Institute

حڪمرانَ کي ڪونہ مڃون ٿا
پوءِ بہ اسان محڪوم تہ آهيون؛
ظالم لاءِ تہ نفرت آهي
پوءِ بہ اسان مظلوم تہ آهيون!

چاڻڻ جو ناڪاري پاسو
سو بہ ضروري آهي ساٿي،
هاڪاري پڙڪ بنان پر
چاڻَ نہ پوري آهي ساٿي!

اڄ ڪان اڳتي ڇا ڪرڻو آ؟
اڄ ڪان اڳتي ڇا ٽيڻو آ؟
(اڳ تہ اسين نادان هياسين
هاڻي توکي ڇا ڏيڻو آ؟)

سڄُ لهي ٿو ڪارونجهر تي
پوپٽ موڙ ٿهوڪا ڪن ٿا؛
ڪيڏي ڪاري رات لٿي آ؟
پاڇا ڇا ڇا ڏيک ڏين ٿا!

اهڙي گهري اونداهي ۾
تون ڪو چنڊُ اڀاري سگهندين؟
سڀ لٿو آ، اڳتي ڏڪن ٿا
تون ڪو ٻارڻ ٻاري سگهندين؟

تون جو اڄ اڳواڻ ٿيو آن
سارو ڪوڙُ مٽائي سگهندين؟
جا ڌرتي تو ڪالهہ وڃائي،
سا ڌرتي اڄ پائي سگهندين؟

Gul Hayat Institute

تنهنجون ڳهليون ڳالهيون ڄڻ ڪي
ڪِڪِرِيءَ ڪاريون آهن؛
ڇِپَّ پَٽِيءِ ڇرڙاٽ ڪري ٿي
اُپّ اُڏاريون آهن؛
آهٔ اِنهِيءَ لئہ ڇُپ ۾ آهيان
توکي رَدّ ڏيڻ جي چاهيان
شبدڪوش* ۾ ٻول نہ آهن
ڪچيون ڳاريون آهن!
ڪنهن تي سوچان؟ ڇا تي سوچان؟
ڇيڪي آهہ رَدِي آهي؛
تو وٽ جيڪا نيڪي آهي،
منهنجي لاءِ بَدِي آهي؛
توکي تو جنهن وقت ٻُڌاڻ مان
هڪڙي ڳالهہ پڇڻ تو چاهيان،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاريون ٿا
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟

* شبدڪوش = ڊڪشنري، لغت

Gul Hayat Institute

ڪي ماڻهو تاريخ ۾ اهڙا
گھايل ڌرتيءَ جي سيني جهڙي
اهڙي گهري ڇيڪ ڇڏين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

هاڻي سڀئي ڀائر ٻهڙا نڪري
ڪاسٽرو جي ڪيوبا يانڪي *
ڪيڏي هيبت سان ڏسن ٿا!
ڪيڏيءَ حسرت سان ڏسن ٿا!

---

* فيڊل ڪاسٽرو = ڪيوبا انقلابي مُنهندار
يانڪي = آمريڪي

Gul Hayat Institute

ڪالهہ جڏهن مون واريءَ سي تہ
ڳاڳيون، ڳَمُ، ڳنڍيرڙ ڏٺيون،
سج جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سونَ وَڻي ساوڻ هئي
مُنهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو:

تيسين تہ ـي تيڏانهن ڏٺو
سارو سج ٻڏي ويو جيسين
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسر عرفات ڏسي،
چَپُ اٿين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتوءَ رَتُ لڳن!

Gul Hayat Institute

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
'وڪٽر جارا' کي. *

هي جو چليءَ جو راڳي آ
منهنجي ڀاءُ جيان آ،
آن جي ڏکياري ڌرتي جڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.

سڀ انسان ڀڏا پيا آهن
ڏک جي ڪنهن رشتي ۾،
اهڙي گهوڙهي ڳنڍ نه آهي
سک جي ڪنهن رشتي ۾.

هن جي ٻولي آءٌ نه ڄاڻان،
تو ڙي آن جو درد سڃاڻان.

منهنجا گيت سمايل آهن
جڻ هن جي ٻوليءَ ۾،
ڪيئي گهاوَ لڪايل آهن
جڻ هن جي ٻوليءَ ۾.

سچ ڳالهي ۾ آهي هن کي،
ٻول نه، شعلا آهن،
مون کي شڪ نه آ، هي منهنجن
گيتن جهڙا آهن.

---

* وڪٽر جارا (Victor Jara) = هسپانوي ٻوليءَ جو راڳي شاعر، جو چليءَ جو رهاڪو
آهي.

Gul Hayat Institute

## اورنگيءَ ۾ فساد

اورنگيءَ جي چوراهي تي
دور جلايل بس جو دونهون
جنهن ۾ ڪجهه ٽلڪارا آهن،
آسمانَ ۾ تارا آهن
جن جي ٽمَ ٽمَ لالَ لهوءَ ۾
ڌرتيءَ تي ڏيکاري ڏي ٿي ـ
ڪنهن جو لال لهو آهي هي؟
ڪالهه اِنهيءَ ٻاڪا جا رستا
ڪنهن معنيٰ جي لاءِ رڱيا ها ـ
معنيٰ، جا بي معنيٰ نڪتي،
۽ جنهن تي تاريخ جا طعنا
اڄ بندوقن جي ٻوليءَ ۾،
(ٻولي جيڪا اُردو ناهي)
زور زور سان گونجن ٿا،

Gul Hayat Institute

## اپريل 1985ع

ڪنهن جو خون وهيو ڌوڙيءَ ۾
او ڊايَر؟
تو ڪي ڪيئي سال مُئي ٿيا
رومَ رومَ مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي ٻه مٺيءَ سان ميٽي ٿي ويا ـ
ڪالهه مگر تو ڌوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ ورديءَ ۾
ساڳي هولي کيڏي!
تو ڪي عمر ملي ڇو ايڏي
او ڊاير!
مون ته ٻُڌو هو
”ظلم سدائين قائم آهي
ظالم قائم دائم ناهي“
ها، پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ ڪيءُ
مات ڏئي ويو آهين!

Gul Hayat Institute

ٿرڊ ڪلاس جي گاڏيءَ ۾ هوءَ
ڇاتيءَ تان ڪجهه انگي ريڙهي
ٻار ڪي ٻُڌو ڏئي ٿي—
”ڊَڪ ڊَڪ هاٽي، ڊَڪ ڊَڪ هاٽي“
گاڏي ڇڻ ته ڇڏوي ٿي؛
آڏيءَ اڪتر ڏسي ٿي
هن جي پيءُ کان پوڙهو ماڻهو
مُڇون ڪوڙيل
— پر ڏاڙهيءَ سان ٿوڙهو ماڻهو،
ڇڻ نظرن جي آڱرين سان
هن جيءَ ڇاتيءَ جي ڏانڊيءَ تان
گُل ڇني ٿو.

Gul Hayat Institute

نظريا جن کي نظر ڪائي نه آهي
جي نِپٽ نابينِ آهن،
تو کان تنهنجو خُون ڇاهن،
۽ ڏِٺين تون!
سرخرو پنهنجي چريائيءَ تي ٿِٺين تون!
اوءِ مجنون!
تنهنجي ليليٰ قحبه آهي!
قحبه آهي!
قحبه آهي!

Gul Hayat Institute

ڳيرو،
ڳاڙها،
۽ ڳَڀرُ وارا
لفظ، آنهن جي
پيشانيءَ تي
گهُنج نہ آهن؛
منهنجي ڪوتا
تن ڪي امرتا
آڇي آهي،
اِندرڌنش جهڙن
ڪوملتا، جا
آنت سڀئي تائين هلئي آ.

Gul Hayat Institute

هي ڏيکارا
رنگا رنگ گلن جا ٻارا،
ڇن تي موت جا پاڇا آهن!
ديوارن ۾ ڌهڪا آهن،
لوڪ ٻچن تا
وڻ وڻ تي سٿڪا آهن،
ٽهڪ اچن ٿا
ڪولن جا گرڙاٽ آڙي ڙي!
ماٺهوئڙن جا
رستن تي رانپاٽ آڙي ڙي!
پڳ پڳ لاشا
تن جا لاڙيل ڳاٽ آڙي ڙي!
۽ پوءِ مات جڳن جي آهي....
هاڻي آڇنگارن ۾ ڇا آهي؟
ديس ۾ آها گاڏي آ جنهن جو
ڦيٿو ڦيٿو ڌار پيو آ.

Gul Hayat Institute

ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن -
هر ماڻهوءَ کي بُک لڳي ٿي،
هر ماڻهوءَ کي اُڃ لڳي ٿي،
پيار ڀِنان ڇڄ هر ماڻهوءَ کي
ساري دنيا سُڃ لڳي ٿي؛

توڙي تن جي قوم الڳ آ
توڙي تن جو رنگُ الڳ آ
توڙي تن جا ٻولَ نہ ساڳيا
توڙي سِرَ جو سنگُ الڳ آ
ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن -

هيءَ بہ حقيقت آهي ليڪن
ڪي ماڻهوءَ جو روپ رکن ٿا
سچ تہ شڪاري ڪتا آهن
ڪارا توڙي اڇا، تن کي
هڪجهڙا ڪاٺينا آهن؛

اڇا ڪتا ڪارا ڪتا
آپي شاهيءَ وارا ڪتا
فوجيورديءَ وارا ڪتا،
سارا پونجيءَ وارا ڪتا،
ها، ها، سڀ هڪجهڙا آهن.

Gul Hayat Institute

## دهشت پسند جو موت

پنهنجي ڪلاشنڪوف کي
ايڏي ساري خوف کي
ويڙهي، مٿي هيٺان رکي
هو آ ستو.
چپ چاپ پيري ٽيا اچن
وڙردين سيان ويري ٽيا اچن
ٿورتي سنگهي ٿو موت جو
ڪارو ڪتو.
گولي چٽي گترڙاٽ سان،
ليٽيءَ لٽيءَ ولاري لاٽ سان،
شعلو هوا مان اوچتو
هيٺ ٿو ڪتو.
هن موت ڪان معنيٰ مٽي
آ رت" جي رومي چگيي،
گپوڙها ته ڪجهه ناهن، رڳو
پاڻي ٽتو.

Gul Hayat Institute

اڄ تن جي بندوقن مان
ڪيئي ڪيرڙ ڪڪوريا آهن
ڪيئي ڪنيڊا موريا آهن
لفظ صفحن تان موڙ مُڪمَ تي
متن مٿان مُتڌماتبا آهن،
لال لهوءَ ۾ لويَل گهوٽن
ڇا ڇا سهرا پاتا آهن!

چوڌاري جهرجهنگ پرن تا
ڇنگَ چپن جو چوڙيا آهن،
موت آمڙ جي لوليءَ وانگر
ڪنهن ٻاجهاري ٻوليءَ وانگر،
ننڊ هندوري وانگر تن جي
ديس مٿان جي گهوريا آهن،
ڪيڏا سپنا ڪتا آهن
اڄ ٽوڙيل صندوقن مان!

Gul Hayat Institute

هي وڻ، جو ڪجهه نيوڙي پيو آ
مٿس وڙهي چڙهي واچوڙي سان
ٽڪجي پيو آ —
سڄ ”آنهيءَ ڪي اڄ چنڊن ڪان
چڙهڻ ته چڪي ٿو
چڙهڻ ته چوي ٿو،
”تياري ڪر طوفان اچي ٿو
”ڪو اوڪو امڪان اچي ٿو.“

Gul Hayat Institute

وَڻُ به ساڳيو واسُ به ساڳيو،
منُ به ساڳيو ماسُ به ساڳيو،
ڌرتي ۽ آڪاسُ به ساڳيو،
اُڏرو آتهاسُ به ساڳيو
پنهنجو جيءَ جياپو ساڳيو
پنهنجو ناسُ وناس به ساڳيو،

هڪٻئي کي ڇا لاءِ مٽايون؟
هڪٻئي سان گڏ ڇو نه جيئون ٿا؟
هڪٻئي جو هٿُ ڇو نه وٺون ٿا؟
هڪٻئي کي سڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
پيو ساگر جا پول ڏسي پيو
هڪٻئي جو مدُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

هڪٻئي سان گڏ ڇو نه جيئون ٿا؟
هڪٻئي کي سڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
هڪٻئي جو مدُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

Gul Hayat Institute

## فاشي فوج جي شڪست

هُو آپاڏيل ۽ آپـالا ٿـا اچـن
لڙڪ ڳاڙائيندا اچن ٿا
ٽيهڙ ڪائيندا اچن ٿا
راھ تي ڪيڏا رِسالا ٿا اچن!

ڪيتري آڪڙ ڪندا هـا!
ڪيتري ٻٽڙ ٻٽ ڪندا هـا!
موڙڪائيءَ جا نِوالا ٿا اچن؛

ڇـا سپاهيءَ هـارَ پنهنجي
ياد رکندا مارِ پنهنجي؟
ڪيترو مايوس سالا ٿـا اچن!

Gul Hayat Institute

عمر گذري وئي،
ڏکڻ هن ديس جا
اڄ به ساڳيا هئا
جي هئا مون ڏٺا
سال چاليهه اڳ
ٻيهه يا ويهه اڳ،
ڪوبه ڦيرو نه آ
ديس جي دانهن ۾!

امن جي فاختہ
پرشڪسته، اڏري
ڇو سگهي ڪانه ٿي؟
اڄ به ساڳيا جهنڊا
ٿا هوا ۾ جهولن،
اڄ به ساڳيا ڪنڊا
راهه ۾ ٿا چڀن؟

اڄ به ديوار آهي، اڳئي ڪان وڏي
ڪانه آهي سگهيو ڪوبه جيڪا ٽپي؛
اجنبي، اجنبي آدمي ٿا ملن
اجنبي گهور سان راهه تي ٿا ڪيلن!

ماڻهپو ڪونه آ،
ماڻهپي جو ڏڪر
هيٺ هن ديس ۾
اڳ پيو ڪونه آ!

Gul Hayat Institute

انقلابي آئو!
اڄ تہ هن ديس جو
سڏ ورنائيو!
سڏ تي آءٌ ڪيئين اڪيلو وڃان؟
گڏ ورنائيو!
گـڏ ورنائيو!
سـڏ ورنائيو!
سـڏ ورنائيو!

Gul Hayat Institute

جيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻري آهي!
چڻ ته ڪا چڙي آهي
اندريون وڏيءَ تي جا،
ديس منجهه هوندي چڻ
ديس مان ڪٽيل تي جاءِ

جيءَ جي جلاوطني
پاڻ ڪنهن گهڙي آهي!

ڇا ڪري اگر ماڻهو
ديس ۾ وديسي آ!
وسٽ اِنَ تهي کهڙو
ڳالهه ٿي ته اهڙي آ!
ڪيترو ڪري آهي!

جيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻري آهي!

Gul Hayat Institute

هو سڀ آڌيءَ رات آچڻ تا،
مُگرمانءَ تي ناچُ نچڻ تا.

مُگرمانءَ جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪ ٻئي پويان سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن تا،
دودي ڌائين، ٻاگهيءَ ڌائين ـــ
ڪُتدَ ڪُنڊ ۾ ديپ جَلن تا،
مُگرمانءَ تي ناچُ نچڻ تا.

جيڪي ڪالهه انهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سيَ ٻه اُٿن تا،
۽ پوءِ پنهنجي پيرَن هيٺان
لاشُ چنيسرَ جو چيپاڙي
چاڙي ڪولي، اوچي ڳاڙهي
ڏاڪولن سان ڏڪ ڏڪ ڪن تا
مُگرمانءَ تي ناچُ نچڻ تا.

Gul Hayat Institute

رات جي سياهيءَ ۾
روشنيءَ جي جهرمر آ؛

ڪيترا نوان ماڻهو
سڄّ ڏي وڌن تا پيا
چڻ پتنگ آهن جي
مچّ ڏي وڌن تا پيا؛

ڪُوڙ جا نوان حَربا
ڪم نه تا اچن هاڻي
ڪوڙ سان نوان شعلا
ڪونه تا مَچن هاڻي؛

ڪوڙ جا حواري سڀ
روز و شب بَڪن تا پيا
آدمي انهن کان پر
ڪونه اڄ ڏَڪن تا پيا؛

تون اڪيلڙي اِي دل
ڪيترو ورڙهي آهين!
راهه تي اڳي ڪان تون
ڪيترو رڙهي آهين؟

پيا به تا وڌن هاڻي
ڪيترا قدم اي دل!
واهُ ۾ پيا ڦڙڪن
ڪيترا علم اي دل!

Gul Hayat Institute

وڪٽ وڪٽ ۾ تن سان
جيڪڏهن هلي هلندينءَ،
منزلون وڏي ملنديون
تون جڏهن هلي هلندينءَ.

Gul Hayat Institute

گيت ٻه چنڊ گورِيلا آهن،
جي ويريءَ تي وارَ ڪَرن ٿا.

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جڳَ ۾
هُو ٻوليءَ جهڙي آڙَ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موتي منجهه پهاڙَ چُپن ٿا؛

ڪيڏي تيرڇي تاڙ رکن ٿا
اُتَر اُپِري لاڙَ چُپن ٿا؛
ساوڻَ سَنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل تي آڪاڙَ چُپن ٿا.

ڪالهه هُيا جي سُرخ گُلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيت ٻه چنڊ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وارَ ڪَرن ٿا.

Gul Hayat Institute

جوت ٻرندي رهي
رات ترندي رهي....

ٻاڪ جي ساک مان اڄ ڏئي ٿو وچان!
اڄ چئي ٿو وچان
”سڄ“ لالڻ سان
”مڌ“ ريشمي جيان
”نيٺ سنڌوءَ مٿان
”آپرندو ساٿيو!“ مان چئي ٿو وچان،
ٻاک جي ساک مان اڄ ڏئي ٿو وچان.

هانءُ هاريو مٿان!
پيرُ اڳتي اچان....
نيرُ نيڻان اُگهو
پنڌ ويجهو پيو آهه، آن ٻاک جو،
گيتُ منهنجي ڪٿي
آهه جا اڳ ڪٿي
تنهن انوکيءَ صدا جي سچيءَ ساک جو.

Gul Hayat Institute

# ڀلناسو

| صحيح | غلط | سٽ | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| ڪَچ | ڪيچ | 3 | 15 |
| تہ لاڙ | تہ لاڙ | 13 | 25 |
| ہہ تہ تنھنجو | ہہ تنھنجو | 4 | 52 |
| اڏ رات | اڏارت | 1 | 91 |
| يارن | پارن | 6 | 91 |
| تون ڏادي | تو ڏادي | 4 | 93 |
| توکي | تو | 1 | 94 |
| درياهہ ۾ | دوہ ياهہ | 2 | 104 |
| زنجيرون | زنجيرن | 10 | 116 |
| چڙ پڙ | چڙ چڙ | 13 | 129 |
| کيت | کيتن | 10 | 162 |
| سنڌ | سمنڊ | آخري | 171 |
| چاهيان | چاهيان | 14 | 208 |

Gul Hayat Institute